# مور نگر تي مِينهن

[شاعري]



اسحاق سميجو

روشني



# مور نگر تي مِينهَن

(شاعري)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




ڏانـوَڻ جهـڙا ڏينهن،
سانـوڻ ساريـون راتڙيون
مـورنـگر تـي مِينهـن!
(اسحاق)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسحاق سميجو

# مورنگر تي مِينهن

(شاعري)

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2020ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**Roshni Book No. 979**

ڪتاب جو نالو: مور نگر تي مِينهن
موضوع: شاعري
شاعر: اسحاق سميجو
ڇاپو پهريون © روشني 31 ڊسمبر 2020ع
لي آئوٽ: رفيق حسين ڪولاچي
روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ISBN 978-969-217-007-9

**Mor Nagar Te Meenh'a**
**[Poetry]**

Poet: **Ishaq Samejo**
First Edition © Roshni, 31st Dec 2020
Layout by: Rafique Hussain Kolachi
Roshni Composers and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh
Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

For more information please contact the Special Distribution Department,
Shah Latif Kitab Ghar, Press Street, Hyder Chowk, HYD 71000
Call (+92) 222-780908, e-mail waqas@roshnipublication.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اماں ارباب

جي نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌاءُ


– شاعري منهنجي دل جو وطن آهي
اسحاق سميجو 13

– ’نيلوفر جي ڍنڍ‘ جو سَير ڪندي
نامديو تاراچند چنداڻي 19

– سانوڻ رُت جا رنگ سُنهري حبدار سولنگي 27


## غزلَ


مورَ پنک – اياز گل 34

- مَيري جَڳ ۾ هڪ دل اُجري – ڪيرُ ڏسي! 35
- انڌيري ڪي هٽائڻ لئہ بتي ٻاريان 36
- منهنجي حالت جي برابر بہ ڪا حالت پئي آ؟ 37
- ڏنڌ گهبرائجي رستي تي هلي آئي آ 38
- هر طرف گل هُيا بهار ڪان اڳ! 40
- اکڙين ڪي هٽا حجاب ڪجهہ ۽ شيلف ۾ ڪتاب ڪجهہ 41
- محبت ئي خدا آهي – يا ڇاهي! 42
- مونکي روئڻ جي وٿي ڏي تہ مان بحر ناهيان! 43
- هڪڙي نڪر ائجڻ بہ مهڪايو 44
- ٻَن ٻَن وانگر پلُ پلُ ڇٽندا، ٽٽندا ويندا تار سمورا 45
- لڳي جي آڳ پاڻيءَ کي تہ ان جو پوءِ حل ڇاهي! 47
- ’اڪيورم‘ ۾ مڇي ترندي تہ آخر ڪيترو ترندي 48


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- نلهي اعتبار تي هلنديڻ۔ هلي سگهنديڻ 49
- توڪان ڇڄي جيئان تہ پل ڦٽڪڻ ڏجان مونکي 51
- جيءُ ڪنهن جاءِ تي جَڄي، تہ جيئان 52
- هڪڙي ڪاهيءَ مان اٿيو پهتو پهاڙيءَ تائين 53
- اوندهہ جي دل ۾ هڪ تيلي ٻرندي رهندي آ 54
- پينسل جو اسڪيچ محبت الهڙ مصور جو 55
- پيار ڪري، پڇتاءُ ڪرڻ ڪان اڳ ۾ سوچ 56
- ڏيءُ منهنجي پينٽنگ ناهي رهي آ شام جي 58
- هڪ پراڻي ڪتاب ۾ آهي 59
- سدا سُهڻي ٻڌي آهي قصي ۾ 60
- گهرا، گهاٽا ڪارا اُلڪا، چار وڇايو ڪيئڻ بيٺا هئا! 61
- رات آئي، رَمي – وڙهي ويئي 62
- جوان گم ڪيا ويا، نشان گم ڪيا ويا 63
- ڏڙڪن کي ڪجهہ سُڪون نہ ٿي دل جي ذات کي 65
- دلڙيون قارون قارون آهن ڇا! 66
- اهڙو آخر ڇا ٿيو هو تنهنجي منهنجي وچ ۾ 68
- بادل ڇَري رهيا هن 69
- 'بابا بابا...' ايئن جو منهنجي ڏيءُ چيو (هڪ شعر) 70
- شام هوليءَ جي، چنڊ ڪوليءَ تي 71
- زندگي، خواب اميرياڻيءَ جو 72
- هڪڙي پيري هُوءِ مان 73
- سُڃي ساهَن جي واڙي آ ـ ڪجي ڇا! 74
- اونچائيءَ تان ڪاهيءَ ۾ 76
- تارازيءَ جي هڪ پُڙ ۾ هو عشق تہ ٻيو پُڙ غائب هو! 77
- ٿورڙي هارَ جي ڪهاڻي هئي 78
- سُرمئي شام جي واڱڻائي هوا 79
- دل وري داءَ ۾ رکي ڏسجي! 81
- ڪوپ ساڳيا، چانهہ ساڳي پي رهيا هئا 82


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- سپ شاديون ناڪام ٿيڻ ٿيون چاهن 83
- تنهنجي اک جي جو آرَ سان اٽڪي 84
- خدا کي ناستڪ مان خوف ناهي 85
- هڪ بيابان هو يا جيون هو 86
- هي بہ احسان آهي قسمت جو 88
- سماعت ۾ عَطر اوتي ڇڏي ٿو 89
- سرءُ جا گُلَ شڪار آهن، تہ آهن 90
- عشق جو هٿ ڪري ڏِئو ايندس 93
- ڪوهيڙي ۾ ٽانڊاڻن جي ٽولي ڏسجان 95
- هاڻ ڪا نئين وحي اچڻ گهرجي 96
- جڻ ڪُنڊو خود مچيءَ ڳلي لايو 97
- ٻن قبيلن جي هڪ لڙائيءَ ۾ 98
- هڪڙو ٻڙ جو وڻ آ مون ۾ 99
- مُرڪ اکين جي خوشبوءَ جي 101
- پنهنجيءَ ذات کان ٻاهر نڪتس 103
- تنهنجا رستا ـ ۽ گلدستا 104
- اهڙو چهرو برکا جو 105
- ڳالهيون جو درياهہ جڏهن هوَ اُڪري آيا (هڪ شعر) 107
- دل جي اداس ول تي، ٿم ٿم ٿمي ٿي بارش 108
- خوابَ، ڪتابَ، شرابَ ـ اداسي ۽ سگريٽَ 109
- لُڙڪ لِيڪي پراڻي ڪاپيءَ تي 110
- ڪجهہ شعر 111
- دل جا سچا ـ تون ۽ مان 112
- رنج گهٽجي، تہ ڪجهہ سڪون ملي 113
- اکين کي عشق جو اوچڻ، عجب اسرار پاتل آ 115
- سَمي جي سِياهي، سَمي جي سُهائي 116
- چُپ کي شور چري ويو چُپ ۾ 118
- رنگينين سان رکيئي ناتو وچي وڻڪار سان پَرتينءَ 119


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

■ بي ڏياڻيءَ جي ڏِيان ۾ ڦَرڪيا 120
■ غم بہ ناهي، خوشي بہ ناهي پر 122
■ ٻتيءَ جو سوجهرو ٿورو بہ ناهي 124
■ گيت لکبا رهيا حجابن تي 126
■ هڪ خدا، هڪ رسول، هڪڙي سنڌ! 127
■ هر شخص جي هٿ ۾ پٿر آ، هي شهر آ، ياڳل خانو آ 128
■ جڳ سان جهيڙي جهيڙي موٽيا منهنجا نيڻ 129
■ نہ ڪوئي غم، نہ ڪنهن شيءِ جي ڪمي هئي 130
■ چنڊ لڳو ٿي چرسي رات پهاڙن تي 131
■ چُپ تہ واريءَ جي گهر جيان آهي 132
■ رُت بدلي، تو رخ بدلايو مهڪي ڪيئن سَرينهن 133
■ رستن منجهہ گلاب چٽيل هئا ـ ڪهڙي رُت آ 134
■ پنڌ دل جو ڪٽي تہ ڪنڻو هو 135
■ ڪارونجهر ڪان ٿورو اڳتي (هڪ شعر) 136
■ اکين جي نئين سجاڳ تي اکين سان 137
■ ٺوڪرن ۾ ڪيئون نڪاٽا سپ 138
■ بدلجي ويا جڏهن معيار وحشت جا 140
■ ڪڪرن جو ڏڻ پربت تي 141
■ هڪ ياد دري تي پئي 142
■ جُگنوئن جي نسل ڪشي تي آ 144
■ شاعري معنيٰ تون 145

## وايون

مور پنک ـ رفعت عباس 148
■ گُلُ ڦتو جو ڪُونديءَ ۾ 149
■ مون ڪي ماءُ ٻڌاءِ 150
■ ڪيئي چَنڊ چکيا چڙهيا 152

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- هي جي ڌرتيءَ ڏڳ 153
- مونکي مَهڪايو 154


## گيت


**مور پنڪ_ علي دوست عاجز** 156

- مان ’تون‘ هيس، تون ’مان‘ هُئين 157
- ديپ تہ پَرندو ٿوري دير 158
- اسان کي تون مليو آهين 160
- پيرَ سان گڏ پير ڪڻ 161
- اي سنڌ امان! 163
- سنڌوءَ جو ترانو 165


## نظم


**مور پنڪ_اقبال رند** 168

- هيءَ دنيا 169
- اسڪول 171
- سمرتي 173
- گدلا چنڊ 174
- گدلا چنڊ_2 176
- دل کي هدايت 177
- تاريخ 179
- سنڌ 180
- قلندر لال سيوهاڻي 182
- محبت! 186
- پرديس ۾ رهندڙ هڪ دوست جي سالگره تي 187
- اي احمد پور! 190
- چار شوري هلون، زندگيءَ سان ملون 192
- پنهنجيءَ پيڻ جي نالي 195


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

■ هڪ ڏينهن ائين ٿيو 196

■ جنگ کان پهرين 198

■ رڳو تون ئي اتي ناهين 200


## چوسٽا


**مور پنک ـ موهن همٿاڻي** 202

■ سنڌ 203

■ سچلَ سائين! 203

■ اها پرينءَ جي لوءِ 204

■ راند! 204

■ جيئڻ ڏي ڀرپور 205

■ ڪڏهن تہ ڌڙڪن اندلٿ ٿيندي 205

■ ٽيڙوءَ ۾ ٽانڊاٽا ناهن 206

■ پو ڏسنداسين 206

■ ماءُ 207

■ بوند بي ڪمال ڏس! 207

■ اسان جي پيار جا قصا 208

■ جڏهن انب ٻُوڪبا آهن 208


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاعري منهنجيءَ دل جو وطن آهي!

شاعريءَ سان منهنجو تعلق هڪ دل گهرئي دوست وارو آهي. ساٿس ملندي ۽ ڳالهائيندي، ٿهڪ ڏيندي ۽ تاڙا ملائيندي، مون ۾ هڪ عجيب سرخوشي، بي ڊپائي ۽ سرمستيءَ جو احساس ايرندو آهي. اها خوشي اهڙي ئي آهي، جهڙي ڪنهن ٽرئي ڪي مِينهن جي ڦڙين، وڄ جي وراڪن ۽ پورن ناسي بادلن جي پل پل متجندڙ تجريدي پيئنٽنگس جهڙن منظرن مان ملندي آهي- يا ڪنهن غريب ڳوٺاڻي ٻار کي رستي ويندي، پٽ تان مليل سؤ روپئي جي نوٽ مان ملي سگهي ٿي- يا اجا به ڪنهن جوڳيءَ کي اصيل نانگ جي مَڻ حاصل ٿيڻ تي ملڻ ممڪن آهي.

شاعري مونکي پنهنجو پاڻ مان آزاد ٿيڻ جو هڪ دلڪش ڏڳ محسوس ٿيندي آهي. شاعري مون لاءِ هڪ اهڙو 'ڪمفرٽ زون' آهي، جتي ماڻهو هر قسم جي خارجي ۽ داخلي دٻاوُن کان مڪمل آزاد ٿي، پنهنجيءَ رغبت، چونڊ ۽ پسند جي عين مطابق ساهه کڻي سگهي ٿو. شين، ماڻهن، منظرن، خيالن، قدرن، روين ويندي نظرين کي پنهنجي اک ۽ پنهنجي دل جي آئيني ۾ پسي سگهي ٿو. منهنجو تجربو اهو آهي ته : اوهان پنهنجي هر ناڪامي ۽ محرومي شاعريءَ سان شيئر ڪري سگهو ٿا، جو اها اوهان تي طنز نه ڪندي، اوهان تي لطيفا نه ٺاهيندي، اوهان کي نِيچ هجڻ جو احساس نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏياريندي- اوهان هن کي پنهنجون دل لڳيون ۽ ڪاميابيون ٻڌائيندئو، ته هوءَ اوهان سان پاڪر پائي ملندي، ماءُ وانگر اوهان جي مٿي کي چمندي، رات جو اوهان جي دعوت ڪندي ۽ سونهري گلاس ٽڪرائي، اوهان جي خوشي سيلِيبريٽ ڪندي- اوهان شاعريءَ جي ٻيچ تي بي لباس تي واڪ ڪري سگهو ٿا، ۽ هوءَ دوستيءَ جي روپ ۾ لڪل جاسوس وانگر اوهان جي اگهاڙپ جون تصويرون ڪڍي نه رکندي، جيئن جهيڙي مهل اوهان کي ننگو ڪرڻ لاءِ انهن کي خطرناڪ هٿيار طور استعمال ڪري سگهي- اوهان شاعريءَ جي ڪلب ۾ آزاديءَ سان مَڌ جو مزو وٺي سگهو ٿا ۽ جيڪڏهن اوهان جي دل بي حجاب رقص ڪرڻ تي چاهي، ته اوهان ڊانس فلور تي وڃي، دنيا جي سڀ کان حسين ڇوڪريءَ جي چيلهه ۾ هٿ وجهي، ڪنهن صوفيءَ وانگر پاڻ وڃائي، بيخوديءَ مان بي حساب نچڻ جي پُراسرار لذت ماڻي سگهو ٿا. شاعري اوهان کي غيرمحسوس طريقي سان ان ڏيا۶ مان ڪڍي ايندي، ته ڪهڙي مذهب، فرقي يا مسلڪ ۾ رقص ڪرڻ تي پابندي آهي- پر جي اوهان ڪنهن مسجد، مندر، ڪليسا، گردواري، مولانا روم، بابا فريد يا شاهه لطيف جي درگاهه تي وڃڻ گهرو ٿا، ته هوءَ اوهان تي ناراض نه ٿيندي، اوهان تي ٺوڪون نه ٺاهيندي، اوهان کي ڊڃٽو، وهمي يا تنگ نظر نه چوندي- شاعري اوهان جي عيبن ۽ اوڻاين کي نظرانداز ڪري ڇڏيندي آهي، ۽ اها فقط اوهان جي خوشيءَ کي ڏسندي آهي. جو ته شاعريءَ کي خبر آهي، ته اوهان هن دنيا کي پيهر ڏسي نه سگهندئو، ان ڪري، جيڪا گهڙي جيئڻ لاءِ اوهان کي نصيب ٿي آهي، ان کي خودڪشيءَ جي خيال وانگر نه گذاريو، پوپٽن وانگر رنگين اُڏامن سان گذاريو، نديءَ وانگر مُترنم وهڪرن ۾ گذاريو ۽ نديءَ جي ڊار تي هلندڙ ٻيڙيءَ ۾ لڳل سڙهه وانگر ڦڙڪندي ۽ ڏڙڪندي گذاريو. جو ته اوهان پيهر اهو سڀ ايئن ماڻي نه سگهندئو، جيئن هلندڙ پل ۾ جي ۽ ماڻي سگهو ٿا- ان ڪري سمورن منظرن کي گهرائيءَ ۽ اُونهائي تائين اکين ۾ ڀري وٺو، ماڻي وٺو ۽ ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس محروميءَ کي چچڙ وانگر پنهنجي موڳي ۽ روڳي مَن سان چنبڙائي نہ هلو.

شاعري هڪ محبوب دوست ۽ ٻاجهاري ماءُ وانگر اوهان جي مثبت رُخن کي اجاگر تي ڪري ۽ اوهان جي عيبن، اوگڻن ۽ محرومين کي راز ۾ رکي، اوهان جي ڳڻن ۽ نيڪين کي عام تي ڪري. اوهان جڏهن اڳتي وڌڻ، مٿي چڙهڻ ۽ اوچاين کان بہ اڳتي وڌڻ جي پاڳل پڻي ۾ مبتلا تي ذهني پوندا آهيو. تڏهن شاعري اوهان کي پاڪرن ۾ پري، مٿي کڻي وٺندي آهي. اها اوهان کي مايوسيءَ جي ڏيڍڻ ۾ ڏڪجڻ کان بچائي وٺندي آهي، اها ڏڪار جهڙن روين جو رد تي بيهندي آهي، اها ڪنهن جي بيوفائي جي زخم لاءِ ڦهو بڻجي پوندي آهي ۽ ڏکن جي موسمن ۾ اوهان جي ذات لاءِ احساس، پنهنجائپ ۽ خوابن جو جُهولو ٻڌڻ جو ڪم ڪندي آهي، جهڙو ڪا پورهيت ماءُ پنهنجي روئيندڙ ٻار کي پوتيءَ وسيلي ڪٺ جي ٻانهِينءَ ۾ ٻڌي ڏيندي آهي. ذهني پوڻ جي گهڙين ۾ شاعري اوهان سان ايئن پيش ايندي آهي، جيئن اوهان پنهنجي سڀ کان پياري ۽ دل گهرئي ماڻهوءَ سان پيش ايندا آهيو. شاعري اوهان کي رڳو آڪسيجن کڻڻ ناهي سيکاريندي، اها اوهان کي جيئڻ سيکاريندي آهي، اها اسان جي بدقسمتي آهي تہ اسان تڏهن بہ جِي نٿا سگهون. هوءَ اسان کي اڏرڻ لاءِ ينيوريءَ جا پر عطا ڪري ٿي، پر اسانکي اڏرڻ نٿو اچي.

مان ۽ منهنجي شاعري، ٿلهي ليکي فلسفن ۽ ٽرمنالاجيز ۾ نہ جيئندا آهيون، نظرين ۽ نُڪتئہ نظرن کان وڌيڪ دل جي نظر ۾ يقين ۽ اطمينان محسوس ڪندا آهيون. ان ڪري، منهنجي شاعري پيچيده معنائن ۽ منجهيل فلسفيانہ موضوعن جي جهنگ سان نٿي وِڇڙي، اها نيلوفرن جي ڏنڊ تي بي مطلب پسار ۾ معنائون تي ڳولي ۽ هُرين ۽ وڏڦن جي فصلن کي ڇُهي، پنهنجو بدن معطر ڪرڻ جو لطف ماڻڻ ۾ مشغول رهندي آهي. هوءَ ڪنهن زخمي چڪور وانگر اڏري، وري ڪِري پوندي آهي ۽ ڪِري وري اڏرڻ لڳندي آهي- جو هن کي چند مان ڪنهن ڏندڪٿائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهزاديءَ جو لازوال حُسن سڏيندو رهندو آهي. منهنجي شاعري وطن، قوم ۽ ماڻهن مٿان احسان جهڙي ڪنهن بہ غلط فهمي ۽ ذهني بيماريءَ جو شڪار نہ آهي، البتہ انهن سان ماپ تور کان آجو پيار هن جي رَت جُزن ۾ شامل آهي- منهنجي دل گهرندي آهي، تہ مان سنڌ جي نقشي جو تعويذ ٺاهي، وڻ ٽڻ ۽ پکي پکڻ کي پارائي ڇڏيان، پر مون کي اهو سڀ ڪرڻ نٿو اچي. اها خوبي آهي الائي خرابي، ان جي خبرنہ مونکي آهي، نہ منهنجي شاعريءَ کي.

مونکي شاعريءَ جيڪا هڪ خاص ۽ انوکي ڳالهہ سيکاري آهي، سا شين کي پنهنجي مرضيءَ جي شڪل، رنگ ۽ هيئت ۾ ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ واري آهي. مون کي گاهہ جو رنگ نيرو ٿو لڳي، آسمان اونڌو پيل ڪِشتو ٿو لڳي، وڻ ڪنهن لوڪ قصي مان نڪري آيل پراڻي دور جا ماڻهو ٿا لڳن ۽ نگرپارڪر جا پهاڙ الف ليلوي داستان جا پٿرائجي ويل جِن ۽ ديو ٿا محسوس ٿين- مونکي خدا خوشبوءِ جو جُهوٽو ٿو لڳي، ماءُ هڪ مهربان ندي ٿي لڳي، عشق سونهري ميدان ٿو لڳي ۽ چنڊ ستارن جي قبيلي جو سردار ٿو لڳي- اهو سڀ چريائپ آهي، داستان گوئي آهي، الائي تخيل جي مام پري ماجرا، پر اهو سڀ منهنجي اندر کي بي پناهہ نئون ڏسڻ ۽ حيرتن سان جيئڻ ٿو سيکاري. منهنجي شاعريءَ هميشہ اهو اوني ٽيڻ چاهيو، جيڪو پنهونءَ کي ڪيچ پڄائي تہ ويو، پر شرمندگيءَ کان بچڻ لاءِ واپس اچي سسئيءَ کي ڪٽي وجڻ ٿو چاهي- هن نوريءَ جي اها ماءُ ٽيڻ گهريو آهي، جنهن کي اها ڳڻتي نند ڪرڻ نٿي ڏئي، تہ ڪٽي نوري هڪ بادشاهہ سان پرڻجڻ ۾ ناخوش تہ ناهي؟ ڪٽي ڪينجهر جي ئي ڪنهن ڏنيري جهڙي مهاڻي سان سندس سينگاريءَ جهڙي دل تہ قاتل نہ آهي؟ ڪيس اڪبر بادشاهہ جي دربار ۾ تان سَين کي سامهون پڏڻ جي خواهش ترپائيندي آهي ۽ مخدوم بلاول کي پيڙيندڙ گهاڻي کي باهہ لڳائڻ جي خواهش شعلي ۾ بدلائي ڇڏيندي آهي، هن کي سنڌ باد جهازيءَ جو خلاصي ٽيڻ جو شوق بہ هوندو آهي ۽ گوتم ٻُڌ جي سامهون ويهي، سندس سِکيائون ٻڌڻ جي خواهش بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائينديي رهنديي آهي- پر دنيا ۾ دير سان اچڻ سبب، اسان ٻنهي لاءِ شايد اهو سڀ هن زندگيءَ ۾ ماڻڻ ممڪن نہ آهي، البتہ مان اهو سڀ تصور بہ نہ ڪري سگهان ها، جيڪڏهن مون سان شاعري نہ ملي ها. شاعري مونکي دنيا ايئن ڏسڻ سيکاري آهي، جيئن اها منهنجي وهمن، خوابن، تصورن ۽ نندپڻ ۾ ٻڌل آکاڻين ۾ هئي.

مون مذهب، قوم، نسل، نظرياتي وابستگيءَ ويندي شاعر طور نندي وڏي هجڻ جي سمورن ٻندڻن ۽ احساسن مان آجائي، شاعريءَ سان دوستيءَ ۾ سکي آهي. مون کي دنيا جو نندي ۾ ننڍو شاعر سڏجڻ ۽ عام ڪان عام ماڻهو هجڻ جي احساس مان جيڪو مزو اچي ٿو، اهڙو مزو فقط اهو ئي ماڻي سگهي ٿو، جيڪو متيءَ تي ويهڻ مهل ڪپڙن ميري ٿيڻ جي ڊپ ۾ مبتلا نہ ٿيندو هجي.

بهرحال شاعري منهنجيءَ دل جو وطن آهي ۽ مون ان ۾ رهي، پنهنجو پاڻ کي مڪمل طور محفوظ، خودمختيار ۽ مسرور پاتئيو آهي. ان ڪان وڌيڪ مونکي ڪنهن شيءِ جي طلب بہ نہ آهي.

مونکي گهڻو لکڻ ۽ روز لکڻ نہ ايندو آهي. ان ڪري ئي 2006ع ۾ شايع ٿيل ٻئي شعري مجموعي ”گناهہ جا گيت“ کي چوڏهن سال گذرڻ ڪان پوءِ ئي ”مور نگر تي مينهن“ شايع ٿي رهيو آهي. مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ مان ان لاءِ ڪهڙو سبب ڄاڻايان. شايد ان جو سبب بہ هيءَ شاعري پاڻ ئي ٻڌائي سگهي.

مون کي تہ اهو ٻڌائڻ بہ نٿو اچي، تہ جڏهن جڏهن بہ ڪنهن واڇوڙي مون کي ڪک پن ڪيو آهي، تڏهن تڏهن شاعريءَ ئي مون کي ميڙي سيڙي، ٻيهر آکيري ۾ بدلايو آهي.

**اسحاق سميجو**

ڊسمبر 2020ع

ڄام شورو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مورڙو تي مينهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

## ”نيلوفرن جي ڍنڍ“ جو سَير ڪندي...

”مور نگر تي مينهن“ بنسبت هيءُ تاثرات هڪ سَير-سفر ٿي آهي، جو مان، نڪو سِنڌ جي هاڻوڪي شاعريءَ جي ۽ نہ ئي غزل يا پابند شاعريءَ جي ٽيڪنڪ جي ڪا خاص ڄاڻ رکندڙ آهيان. البت سنڌ ڄائي هئڻ جي ناتي، دِلين جي جُڙيل تارن جو حق قابلِ قبول ٿي سگهي ٿو. وري پنجاهہ سالن کان سنڌي اَدب سان وابستہ رهندي، ڪاليج ۾ هندي اَدب پاڙهيندي ۽ گجراتي اَدب سان بہ نينهن جو ناتو رکندي... ڪڏهن ڪڏهن عمر بہ هڪ لياقت بڻجي پوندي آهي!

اسحاق جي هن شاعريءَ ۾ مون کي ڪافي ڪنوَل جا گل ٽِڙيل نظر آيا. اُهي بہ اِندلٺي رنگن ۾! ڳاڙهو، نارنگي، پيلو، سائو، آسماني، نيلو ۽ واڱڻائي... پر شاعريءَ ۾ اُنهن جا رنگ ڪجهہ هن طرح (يا وري ڪنهن ٻيءَ طرح بہ) سُڃاڻي سگهجن ٿا: عشق، سُونهن، قدرت، تلخي، دنياداري، سِنڌ ۽ اِنسانيت! هنن رنگن جي چٽساليءَ ۾ ڪيترائي ننڍا وڏا بُرش ڪم آندل آهن. خاص طور تضاد، طنز، فِڪر، اَحساسداري وغيره. ڪنوَل جي گلن جي هنن رنگن جي ميٽافزيڪل معنيٰ بہ ٻُڌبي آهي- پاڪيزگي، اوسر، آتم سمرپڻ، پُنر جنم، وغيره.

هت اسان کي نظر ورائڻ سان ئي اهو سڀ ملي ٿو وڃي، پر ترتيب ڇو جو شاعري حسابي ڪتابي مَن جي نہ پر اُڇل ڪاڏل من جي ڪيفيت آهي. بهتر شاعريءَ لاءِ شاعر جو پاڻڪ هئڻ ضروري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ۽ پاٺڪ جو شاعرانہ مزاج جي سمجهہ رکندڙ هئڻ ضروري آهي. چو جو شاعري سِڌي سنواٽي بيان کي خارج ڪندڙ اختصار ۽ اِشاريت واري لهجي ۾- ريشمي رومال ۾ لڪايل اِظهار آهي، جنهن کي ڪڏهن تہ DeCode بہ ڪرڻو پوندو آهي، ڪڏهن شاعر کي ناخبر يا ماڳهين ناقبول معنيٰ بہ ڏيندو آهي.

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ شاعري ۽ معنيٰ جي دوستي ڪا چڱي ڳالهہ نہ آهي. معنيٰ جيتري گهٽ- شاعري اوتري اوجل-Pure! ۽ اهو سڀ هن شاعريءَ سان بہ لاڳو آهي!

عشق هن شاعر جو ئي نہ، غزل جو اُصولي نہ سهي، اَصلُ موضوع اوَس رهيو آهي- ان ۾ بہ معشوق جي سُونهن جي تعريف خاص طور اهو هت بہ ڪافي آهي تہ شاعر لاءِ مَيار جو نہ پر معيار جو ثبوت آهي.

تارازيءَ جي هڪ پُڙ ۾ هو عشق تہ ٻيو پُڙ غائب هو!
تون اِندلٺ تي آئينءَ مون وٺ، نيڻن جو جُهڙ غائب هو!

*

تون تہ مرڪڻ سان پي لشڪر کي ڇڏين هارائي،
توکي تلوار تيڻ جي ڪٿان عادت پئي آ!

-

ناچ نيلوفرن کي نچايا تي جنهن،
مون سا تنهنجي وِکن ۾ وڃائي هوا!!

هنن شعرن ۾ ئي نہ، اَڪثر هر هنڌ، لفظن جي چونڊ، بيهڪ ۽ ان سان پيدا ٿيل رواني ڏسڻ وٽان آهي. هونءَ بہ شاعري چڻ پينٽنگ آهي، ڏسڻ وٽان هئڻ بہ گهرجي. وري اها هٿن جي نہ، ڪنن جي ڪلا آهي. ٻڌڻ وٽان بہ هئڻ گهرجي. جنهن لاءِ رواني ضروري آهي. وري هاڻ تہ ’آڊيو بوڪ‘ جو زمانو بہ اَچي ويو آهي!

عشق جي آيل هنن اظهارن ۾ هڪ ٻي روايت سان بہ نيايل آهي- اها آهي- عشق ڪري ڦاسجي وڃڻ ۽ پڇتائڻ جو درد!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي خواب اَميرياڻيءَ جو،
عشق چڻ ٻار فقيرياڻيءَ جو!

شمع-پروانہ جي ذڪر جي موجودگيءَ ۾ ڪجھ محدودگي آهي، پر اها ڪٽڪي ڪانہ ٿي! پاڻ چڱو ٿي آهي، پر سُونهن جو ذڪر ڪافي آهي ۽ بهتر نموني آهي.

تنهنجي چُنريءَ پٽيان، تنهنجي واليءَ وٽان،
اِندلٺي اِندلٺي جهلملائي هوا!
(هوا جي رنگينيت!)

سونهن جي حوالي جا ٽيئي منظر برقرار آهن. قدرتي، اِنساني ۽ خيالات جي سوڪيمہ سُونهن. وري سُونهن فقط هڪ طرفي شفي انداز ۾ محدود نہ آهي!

رات وانگي ڏيو ڪِنو ڪارو،
چندَ وانگي ڪنول هو ڪائيءَ ۾!

اسان جي سنسرڪت جي شاسترن ۾ شاعريءَ جا نوَ (9) رسَ چيل آهن. تن ۾ هڪ رس ”بيبتس“ (Bibhatsa) بہ آهي، جيڪو هونءَ تہ ”اڻ وڻندڙ“ ليکبو آهي، پر زندگيءَ جو حصو تہ آهي. ان ڪري اَدب ۾ اهو شامل آهي! وري ڪنوَل گل تہ ڪائي- سيوَڻ سان جُڙيل آهي!

سُونهن جو چِٽ شاعر اجلي روپ ۾ چڱو ٿي ڪيو آهي...

هُوءَ جا بادام وانگر قداور هئي،
حُسن جو حُسن تي چا تہ بانوَر هئي،
تنهن پٽيان جنهن جواني وڃائي ڇڏي،
حسرتن جي هوا ڇلوليءَ سان ملون!
چام شوري هلون
زندگيءَ سان مِلون!

*

اِندلٺ اُيري چڻ آيو
هوليءَ جو ڏٺ پربت تي!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هت اهو ياد ڪرڻ واجب ٿيندو تہ هر شاعر قدرت جي سونهن جو وڏيڪ شائق رهيو آهي. نارائڻ شيام بهتر مثال آهي! ۽ اهو بہ تہ عشق ۽ سُونهن ساڳئي سڪي جا ٻہ پاسا آهن.

هنن شعرن ۾ بہ قدرت جي سُونهن جا منظر ڀرپور ۽ بي شمار آهن، پر اها هن شاعر جي منزل نہ آهي-واٽ آهي. سموريت ۾- ۽ هڪ سٽ ۾ چوٽو هجي تہ شاعر چوڻ گهرجي:

There is a man, behind this book.

اِنسانيت جي اُڪير هن جي سموري تاثر جي بهتر سُڃاڻپ آهي.

هي قاتل ڪپڙا مُنهن ميرا،

هي نيل ڪنوَل چڻ نالين جا!

.....

فٽ پاٿ پريل آ ٻارن سان، جي سپنا ميڙن ڍيرن تان!

جن ماءُ ڏٺي آ فلمن ۾، جن پيءُ ڀڏو آ ماٺهن ڪان!

شاعر هن طرح ننڍڙڪن ٻارن جو درد ۽ ان طرف سماج جي بي رُخيءَ جو احساس ڪرايو آهي ۽ بي انتها فڪر جتايو آهي!

ساڳيءَ طرح وحشانيت لاءِ بہ شاعر سڄاڳ دانهن ڪئي آهي.

رڳو ايمبولنسون، بارود، دونهون،

گلين ۾ هاڻ ڪو رونشو بہ ناهي!

هن حوالي ۾ ”قلندر لال سيوهاڻي“ شديد رچنا آهي. اهڙي ئي ٻي رچنا ”جنگ ڪان پهرين“ بہ يادگار رچنا بڻي آهي.

جنگ ڪان پهرين

هت جنگ ڪونہ هئي

وڏي ڳالهہ تہ

پري پري تائين قبرستان ڪونہ هو!

هر شاعر اِنسان دوست آهي- هي رچنا ان جو بهترين ثبوت آهي!

هت ”اي احمد پور“ جو بہ خاص ذڪر ڪرڻ گهرجي. اِنسانيت جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حوالي ۾ مذهبي ۽ روحاني حوالا بہ ياد ڪرڻ ڪپندا. جتي شاعر جي دل جي فرياد درج ٿي آهي:

خدا کي ناستڪ مان خوف ناهي،
ڪو مُلي کان بچائڻ جو بہ سوچي.

متان پڙهي نہ ڪو وني، "ظلم سهڻ بہ پاپ آهہ"
اسان جي مسجدن مان سڀ، قرآن گم ڪيا ويا!

*

سنڌ لاءِ صِدق هند جي شاعريءَ ۾ بہ ڀرپور آهي تہ سنڌ جي شاعريءَ ۾ بہ.

توکي تنهنجي خدائي بخش هجي،
مون کي منهنجي قبول هڪڙي سنڌ!

اُن کو خدا ملے، ہے خدا کی جنہیں تلاش،
مجھ کو بس اِک جھلک میرے دلدار کی ملی!
(ڪيفي اعظمي)

سنڌ جي صدق صدقي شاعر سنڌ جي سقيم حالت تي عظيم ترين شاعر شيخ اَياز کي پُڪار ڪري چوي ٿو:

اَياز!
جا سنڌ تو پُڏائي
اها تہ آهي خيال هڪڙو!

۽ شاعر طنز بہ ڪري ٿو پنهنجي برادريءَ تي:

ويو وطن ور چڙهي لُٽيرن جي،
پر ڪوي خوش هُيا خطابن تي!

*

ويا کپي سنڌ تنهنجا ساڃهہ وند،
عورتن تي تہ ڪي شرابن تي!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر شاعريءَ ۾ سڀ کان وڏيڪ اهم آهي اندازِ بيان! بهتر خيال کو پنهنجو پاڻ ۾ بهتر شاعري ناهي. هن ڏس ۾ ئي شاعريءَ جي ڪٿ صحيح ڪٿ رهي ٿي. ان جا ٻه اهم پهلو آهن. هڪ ته آهي ان جو ڪلاپکش Art Side. ٻيو آهي ڀاوپکش. ائين ته ٻئي هڪ ٻئي ۾ ئي سمايل آهن، پوءِ به ڪي تارڻ ڏسي سگهجن ٿا.

اسحاق سميجو جي شاعريءَ جي فارم لاءِ مون کي فقط ايترو چوڻو آهي ته هن جون چندن تي ٻيٽل رچنائون ته پختيون نظر اچن ٿيون، پر ٻنان چند يا بحر-وزن واريون چيزون ڪجهه هلڪيون ٿيون لڳن. ممڪن آهي سنڌ جي حوالي ۾ مان صحيح نه به هجان. اسان وٽ نئين ڪويتا پل هاڻ نئين ڪونه ٿي سڏائجي، پر اها ان ارٿ ۾ اڃان به نئين آهي. جنهن ۾ روايت پرستيءَ کان هٽي ڀاو Emotion بجاءِ خيال Thought کي اهميت ملندي رهي آهي. هت اهو ايتري زور سان آيل ڪونه ٿو ڀاسجي، پر عجب اهو آهي، پوءِ به هن جون ڪجهه يادگار رچنائون ٻنان چندن ۾ پاڻ اڳريون بيٺيون آهن. جن ۾ "جنگ کان پهرين" ته خاص آهي ئي، "سنڌ"، "قلندر لال سيوهاڻي"، ۽ "اي احمدپور" به شامل آهن. البت منهنجي هن سمجهه ۾ ٻه رايا ٿي سگهن ٿا، نه ته مان "جام شوري هلون، زندگيءَ سان ملون" کي به شامل ڪريان، جي اها ٻنان چند واري آهي.

هن انداز بيان جي حوالي ۾ هن سموري ڪتاب ۾ ٻه خاص نُڪتا ان کي اهم بڻائڻ ۾ ڪامياب رهيا آهن. اهي آهن: تضاد ۽ طنز. توري اُپٽار ضروري آهي.

تضاد ته هن شاعر جي پهرين خاصيت آهي. هو خود ان بابت سجاڳ به لڳي ٿو.

اُبتڙ جو ميلاپ سڪئين اِسحاق ڪتان،
دل ڳوناٽي ۽ اک شهري، ڪير ڏِسي!

هن ڪتاب جي پهرئين شعر کان ئي تضاد جو ڪرشمو جاري آهي.

مَيري جڳ ۾ هڪ دل اُجري- ڪير ڏِسي!
انڌي ديس تي اِندلٺ اُبري- ڪير ڏِسي!

*


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لُطف ڪجھ ماڻجي تضادن جو،
سانت ڳالهاءِ ۾ رکي ڏسجي!

بيشڪ اهو اندازِ بيان شاعريءَ جي سُونهن بڻيو آهي. ساڳيءَ طرح هن دنياداريءَ جي بهاني ڪيترا چُونڊ ۽ بهتر طنزي شعر بہ ڏنا آهن. جن ۾ اِشاريت ۽ اختصار بہ ڪمال ڪيو آهي ۽ زماني پر جي تلخي بہ سمايل آهي!

هيءُ بہ احسان آهي قسمت جو،
دوست، دشمن جدا جدا ناهن!

*

مون ٿون دشمنن جي ڳولا ڪئي،
دوست ملندا ويا پراڻا سڀ!

تضاد ۽ طنز کان سواءِ بہ هن ڪيترا عمدا شعر سوڪيم نظر سان چٽيا آهن- جن کي ڪبير جي ”جهيڻي چدريا“ سان ياد ڪرڻ گهرجي.

هڪڙي پيري هُو ۽ مان،
ان کان پو خوشبو ۽ مان.

*

ڪڙڪيءَ ۾ رات ريشمي، ڏڙڪن ۾ راڳ پيروي!
ڪمري ۾ ماهتاب ڪجھ ۽ شيلف ۾ ڪتاب ڪجھ!

*

پن پن وانگر پل-پل ڇڻندا، ٽٽندا ويندا تار سمورا،
نيٺ تہ ساھ بہ ٽڪجي پوندا، اُجلي جڏبا بار سمورا!

(’ڪٿي تہ پڇبو تڪ مسافرُ ياد اچي ويو!)

*

هڪڙو شخص حقيقت آ،
باقي جڳ آ مايا جو.

*

زندگيءَ کي عاشقيءَ سان ونڊ ڪئي،
ڪجھ وجي ارمان پاڇيءَ ۾ بچيا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر شاعر فطري طور فلاسافر هوندو آهي! ڏسو!

هڪ پراڻي ڪتاب ۾ آهي،
”سرشتي تنهنجي خواب ۾ آهي!“
(جڳ مڙيو ئي سُپنو!!)

تون لنگهيو آهين هتان ڪڏهين نه ڪڏهين،
راهَه ۾ رابيل ڪجهه مَهڪي رهيا هئا!

گجراتي ڪوي عادل منصوريءَ جي مشهور غزل جو شعر آهي:

پهلان پوَن مان ڪياري هتي آتلي مهڪ،
رستا مان تاري ساٿي ملاقات ٿئي هشي!
(پهرين هوا ۾ ڪتي هئي ايتري مهڪ
رستي ۾ توساڻ ملاقات ٿي هوندي!)

ائين هر شاعر اندران هڪ آهي. هنن جي دِل جي صدا ساڳي آهي. پل پوليون وقت ۽ جڳهيون جدا هجن: اُن معنيٰ ۾ اِسحاق سميجو به عالمي شاعرن ۾ شمار آهي.

**نامديو تاراچنداڻي**

(20 آڪٽوبر 2020ع برزبين- آسٽريليا ۾ لکيل)
namdev@tarachandani.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سانوڻ رُت جا رنگ سُنهري!

## [ اسحاق جو غزل ]

شيخ اياز کان اياز گل تائين واري غزل جي سفر کان پوءِ جيڪي شاعر پنهنجي مڪمل تخليقي سگهه ۽ پنهنجي منفرد اسلوب سان اُڀريا ۽ جن غزل جي تخليقي دور کي نئين سڃاڻپ بخشي، انهن ۾ سعيد ميمڻ، اسحاق سميجو ۽ اقبال رند شامل آهن. سعيد ميمڻ جو غزل پنهنجي دور ۾ نئين فڪري غزل طور اڀريان آيو، ان جو رنگ ۽ آهنگ نرالو ٿي بيٺو. اقبال رند جو غزل ۾ اسلوب الڳ نظر آيو، ان به پنهنجي نئين سڃاڻپ حاصل ڪئي، پر هو ان کي بدلجندڙ تخليقي ماحول مطابق بدلائي نه سگهيو. ٻين لفظن ۾ هو غزل ۾ موضوعاتي ڦهلاءُ نه آڻي سگهيو، اهو صرف هڪ دل جي داخلي درد ۽ تخليقي جماليات تائين محدود رهجي ويو. ٻئي طرف اسحاق سميجي جو غزل جتي اسلوب جي نواڻ کڻي آيو، اتي ان ۾ فڪري ۽ موضوعاتي گوناگوني نظر آئي. هو بدلجندڙ تخليقي تناظر ۾ پڻ وسيع ۽ ڀرپور ٿي بيٺو.

اسحاق سميجو جديد سنڌي غزل جو اهڙو شاعر آهي، جيڪو غزل جون ڄمليل گهرجون نه صرف پوريون ڪري ٿو، پر هو غزل جي اسلوب، لهجي ۽ پيشڪش ۾ ڪامياب تجربا ڪري، ان کي تبديليءَ جو ويس به اوڍائي ٿو. اسحاق جو غزل تغزل سان ڀرپور آهي. فڪري حوالي کان دانشورانه نُڪتا، عشقيه رمزون ۽ زندگيءَ جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيچيدگيون سندس غزل جو حصو آهن. اسحاق سميجي جو تخليقي جوهر غزل جي صنف ۾ بيحد نرالو، واضح ۽ ڀرپور محسوس ٿئي ٿو.

مون کي روئڻ جي وِٿي ڏي ته مان بحر ٿاهيان،
پنهنجي پيرن جي مٽي ڏي ته دل جو گهر ٿاهيان.

*

ڪڏهن ڇڙ ڀيلٽي پونديءَ جدائيءَ جي،
ڪڏهن تلوار تي هلنديءَ- هلي سگهنديءَ!

اسحاق سميجي جو غزل جتي اظهار جي انوکائپ رکي ٿو، اتي اهو لسانياتي شعور کان پڻ واقف آهي. سندس غزل جي هڪ اهم خوبي ان جون نيون ترڪيبون ۽ استعارا آهن.

اسحاق جي غزل ۾ نه صرف اشارا، ڪنايا، تشبيهون ۽ استعارا نوان ۽ نرالا آهن، پر انهن ۾ استعمال ڪيل ٻولي ۽ تجربا به نهايت باڪمال آهن. غزل جي جوبن جو جمال، فڪري بلوغت، فني ڪماليت ۽ ان جي ادراڪي سطح ۽ تصور جيڪو اسحاق وٽ ملي ٿو، اهو تمام گهٽ شاعرن کي نصيب ٿيو آهي.

ٻي ڪا مَهر ٻُڇئي نه جي، هڪ وَڙ ڪجان اي عشق!
ڳوڙهن جو جهنگ، درد جو ٿي ڏڻ ڏجان مون کي!

*

ٻُراٽي رَئي جيان منظر لڳي ٿو،
وچان قاتل ندي آ لِيڙ ڪائي.

*

مُرڪي ڏٺئي ته رات ۾ جُگنو ٻرڻ لڳا،
اکڙيون کنيئي ته چنڊ جو چهرو شفاف ٿيو.

*

ڄهونجڪڙي جو جيءَ ۾ جهڙ ڦڙ تنهنجي سار ڪنوڻ جو ڪجڪو،
من جي ڇن تي رُڻ ڄهڻ بادل، راتيون رانيَو ڪيئن بيٺا هئا!

مورڳ تي ميٺڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسحاق غزل جي موضوعاتي فضا کي هڪ نئين تخيلاتي رنگ سان تبديل ڪري، ان ۾ تازگيءَ جو احساس پيدا ڪيو آهي. تخيلاتي حسن، تخليقي جوهر، معنوي وحدت، لهجي جي نواڻ ۽ اسلوبياتي انفراديت سندس غزل کي ٻين کان مختلف بڻائن ٿا.

هو غزل جي سِٽ کي دل جي ڌرتيءَ تان ڪٽي، جڏهن ان کي تخليقي ماحول جو وسيع آڪاس ڏئي ٿو ته، ان ۾ ڪمال حسن، تخليقي تاثير ۽ نئون آهنگ پيدا ٿئي ٿو.

مَيري جڳ ۾ هڪ دل اُجري – ڪيئن ڏسي!
انڌي ديس تي اندلٺ اُڀري – ڪيئن ڏسي!

*

بادل چَري رهيا هن،
اُس کي هُتان هِتان کان!

*

پيار اُجن لئه پاڻي آ،
پي ويندا هڪ ساهيءَ ۾!

*

بالڪونيءَ ۾ ناسي خمارن جي ول،
هڪ سُنهري گهٽي، هڪڙي سائي هوا.

اسحاق جي غزل ۾ جتي تخيل جي تازگي آهي، اتي سندس غزل جي لفظيات، استعارن جي نواڻ، بيان جي نرالپ ۽ لهجي جي ندرت پڻ حيران ڪندڙ آهي. هو نوان اِميج ڪٽي اچي ٿو، جنهن سان غزل جي فڪري فضا، تصوراتي آسمان ۽ تخيلاتي زمين رنگن، روشنين ۽ خوشبوئن سان پرجي وڃي ٿي. اڄ جتي غزل جا چڱا ڀلا شاعر پنهنجي غزل کي ورجاءَ جي ور چاڙهي، ساڳين ساڳين تصورن کي اٿلائي پٿلائي پيش ڪري رهيا آهن، اتي اسحاق جو غزل پنهنجي جملي صفتن، خوبصورتين ۽ تازگين سان نت نوان ۽ دلڪش عڪس، رنگ ۽ هڳاءَ ڪٽي، پنهنجي هئڻ جو احساس ڏياري رهيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدا سهڻي پڌي آهي قصي ۾،
ٻڌي ميهر تہ مَتجي ذائقو ڪجھ!

*

ٻوند جي ٽپ ٽپ ۾ تنهنجي قربتن جو ساءُ هو،
ڇا ڏسان، اندلٿ تہ بلڪل تنهنجي ساڙهي تي وئي!

*

سُرمئي شام جي واڳڻائي هوا،
منهنجي حالت ڏسي، مُسڪرائي هوا!

*

ميگهہ کي دانهن تنهنجي ڏنم پئي تہ بس،
مون تي اُلريون وچون، مون تي آئي هوا!

اسحاق غزل جي گلدان مان داخلي رجحان جي علامت ٽيل سُڪي ويل پتين کي ٻاهر ڪڍي، اتي فڪري تازگيءَ، جمالياتي حسن ۽ رومانوي ندرت جا نوان گل آڻي رکيا آهن. ان سان گڏ هن غزل ۾ نون ڪردارن جي تخليق بہ ڪئي آهي. زندگيءَ جي وهڪرن مان هن ڪردارن جي سماجي ۽ نفسياتي ڪردار نگاري بيحد تخليقي انداز ۾ ڪئي آهي، جنهن سان سندس غزل گهڻ رخو ۽ اونهو ٿي پيو آهي.

ڪو وڻ وڍجي تہ هي ماني نہ کائي،
چون ٿا آهہ تورو 'سائڪو' ڪجھ.

*

لڳي جي آگ پاڻيءَ کي، تہ ان جو پوءِ حل ڇا هي؟
محبت ٿئي مُهاڻيءَ کي، تہ ان جو پوءِ حل ڇا هي؟

*

جڏهن بہ منهنجي ماءُ پچائي، هر شيءِ پاڻ مِني تي پئي هئي،
توڙي بَرني خالي ڪنڊ جي- ۽ گهر مان ڪِڙ غائب هو.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنل پنهنجي ئي دل ڳنڍجي نہ ڪانئس،
سچي دنيا جا جو چپل ڳنڍي ٿو.

هن جي دل ۾ هلندڙ دور جي ڪردارن ۽ عڪسن ڪان وٺي قديمي دور جا ڏند ڪٿائي تصور بہ ساهہ کڻن ٿا. هو هر دور سان ان جو سماجي ۽ ثقافتي درد ۽ ردم گڏائي، نئين شعري فضا خلقڻ لڳي ٿو.

ڪٿي شهزادي ڪي ڪو ڏيو، جنهن جو ساهہ طوطي ۾،
ملي طوطو نہ راڻيءَ کي، تہ ان جو پوءِ حل ڇا هي؟

*

هڪ پراڻي ڪتاب ۾ آهي،
”سرشتي تنهنجي خواب ۾ آهي!“

اسحاق غزل جي روايتي فڪري فضا تبديل ڪري، ان کي تجربن جي تازگي بخشي آهي. هو فڪري طور روان رهندڙ ۽ وڌندڙ تخليقي ويچار ڌارا جو شاعر آهي. هن رومانوي اظهار کان اڳتي وڌي فرد جي ذاتي تجربن، سماجي انتشار بي معنويت، ڏک جي وشالتا، اڪيلائيءَ ۾ پيڙجندڙ وجودن جي پوڳنا کي غزل جي بنيادي ڪلاسيڪل ردم ۽ شعريت سان بيان ڪيو آهي.

هڪڙي ڪاهيءَ مان اُٿيو، پهتوپهاڙيءَ تائين،
هيڪلو ٿيو تہ رنو خوب پچاڙيءَ تائين.

*

ڪوپ ساڳيا، چانهہ ساڳي پي رهيا هئا،
ازدواجي زندگي ٻئي جي رهيا هئا.

*

سَتين جي قبرن تي غصو ڪائن،
شهزاديون بدنام ٿيڻ ٿيون چاهن.

*

وانءِ وانگر ڪڏي اندر پنهنجو،
ويهي ونجي تہ ڪجهہ سُڪون ملي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسحاق جو غزل استعاراتي حسن سان بہ پرپور آهي. سندس غزل ۾ ٽاٽڊاٽو، رات، رستو ۽ ٻيا لفظ پرپور ۽ انفرادي تخليقي استعارا ٿي اڀرن ٿا، جيڪي هن جي غزل جي الڳ شعري ڪائنات قائم ڪري، نئين تخليقي روشني ڦهلائن ٿا. غزل ۾ نوان ۽ پرپور استعارا استعمال ڪرڻ هڪ تخليقي شاعر جو ئي ڪمال ٿي سگهي ٿو.

هن وٽ غزل جيترو فني طور پختو آهي، اوترو فڪري طور بہ ڳوڙهو، رچيل ۽ رسيلو آهي. مُند جي ميون جيان ان ۾ پنهنجو منفرد تاثير، محسوس ٿيندڙ سوادُ، وڻندڙ رنگ ۽ حيران ڪندڙ حسن آهي.

هو انساني روين ۽ ڪيفيتن جو اهڙو شاعر آهي، جنهن پنهنجي تخيل جي حدن کي لا محدود وسعت عطا ڪئي آهي. هن غزل کي نئون تخليقي اعتبار بخشيو آهي. موضوع کان اظهار تائين هن جو غزل جديد غزل جون سڀ تخليقي گهرجون پوريون ڪري ٿو.

اسحاق سميجو اڄ جي غزل ۾ پنهنجي عرق ريزي ۽ فڪري جوهر سان هڪ نئون ۽ پرپور حوالو بڻجي چڪو آهي، جيڪو ايندڙ دور ۾ بہ پنهنجي تخليقي ڪماليت سان موجود رهندو.

**حبدار سولنگي**

ڳيريلو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

☐ اسحاق سميجي جو غزل، تڏهن به موهيندڙ هيو، جڏهن سندس شاعريءَ جو هڪ به مجموعو نه ڇپيو هيو ۽ هاڻي به، جڏهن سندس ٽيون مجموعو ڇپجي رهيو آهي، سندس غزل دل ڇُهندڙ ۽ ذهن تي پنهنجا پيرا ڇڏيندڙ آهي.

اسحاق سميجي جو غزل، اڄ جو غزل آهي. پنهنجي مزاج، نواڻ، انداز ۽ پيشڪش ۾ بنهه نئون نِڪور اڄ جو غزل - شاعريءَ جي سيني ۾ ڪُسناڪيُن سان سنواريل ۽ سينگاريل، ورجاءَ کان پري - سندس شاعراڻا عڪسَ، لفظن جي جڙت، توڙي احساسن ۽ خيالن جي خوبصورتي حيران ڪندڙ آهي، ايستائين جو سندس قافيا ۽ رديفَ به انوکا ۽ گهٽي ياڳي اَڻ ڇُهيل آهن، جيڪي کيس بين کان گهڻو گهڻو الڳ ڪري بيهارن ٿا.

ڪٽي ائين چئجي ته، سَوَ جي هڪ ڳالهه - اسحاق سميجي جو غزلُ، اسحاقَ جو ئي غزل آهي.

**ايازگل**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

میري جڳ ۾ هڪ دل اُجري- ڪيئن ڏسي!
انڌي ديس تي اندلٺ اُڀري- ڪيئن ڏسي!

ڪنهن ماڻيو هو چنڊ ڀلا، جو دل ماڻي،
تڪجي پياسين اڏري اڏري- ڪيئن ڏسي!

ساجن ڪي تہ اچڻ ڏيو، سڄ جو ڏسجو حال،
ڀڪي پوندي خوب ڀہ ڀري- ڪيئن ڏسي!

سمنڊ ڪراچيءَ ساڻ لڳي تو سنڌ ڇمي،
اُڇلون ڏئي ٽي لهر اڀري- ڪيئن ڏسي!

روئڻ بعد ڪِلينءَ، اُسَ نڪتي بارش ۾،
سانوَڻ رُت جا رنگ سنهري - ڪيئن ڏسي!

ابترَ جو ميلاپ سِڪئين اسحاق ڪٿان!
دل ڳوٺاڻي، ۽ اڪ شهري- ڪيئن ڏسي!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انڌيري کي هٽائڻ لئہ بتي ٻاريان،
يا پنهنجو پاڻ پائڻ لئہ بتي ٻاريان!

ڇپي اونده کان جي سگهنديون الائي نہ،
اکين کي آزمائڻ لئہ بتي ٻاريان!

تہ ڏسجي روشنيءَ جي رُت لڳي ڪيئن ٿي،
ڪڏهن منظر مَٽائڻ لئہ بتي ٻاريان!

ڪڏهن ويهي ڏسان توکي اڪيلي ۾،
اندر جي ڳڳهہ گهٽائڻ لئہ بتي ٻاريان!





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي حالت جي برابر بہ ڪا حالت پئي آ؟
ڇڻ تہ گونگن جي صندوقن ۾ سماعت پئي آ.

پل ڪٽو ڏرم، ڪو مَسلڪ پڙهو، فرقو جاچيو!
پاڪ، مُحسناڪ لفاظيءَ سان جهالت پئي آ.

تنهنجي چُوڙيءَ سان تني مون ۾ ڪتي هئي ڪڏهين،
منهنجي ڪمري ۾ پڳل اڄ بہ سا ساعت پئي آ.

تون تہ مُرڪڻ سان پيي لشڪر ڪي ڇڏين هارائي،
توکي تلوار ٽيڻ جي، ڪتان عادت پئي آ.

هر طرف خوف جي اوندهہ جي جتن جي اڄ وچ،
رات جو راڄ اٿل- چُپ ۾ بغاوت پئي آ.

جسم نقشو هو خزانن جو، مگر دل نہ مجيو،
ورنہ مون وٽ تہ پڙهڻ جي بہ اجازت پئي آ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌنڌ گهيرائجي، رستي تي هلي آئي آ،
عشق جي پنڌ اڳيان بند گلي آئي آ.

ٻار ڪيڏن تا پهاڙيءَ تي ڄڀرن سان گڏجي،
ساوڪون گهر وندڻ، مهل پلي آئي آ.

ٿوٽ لمحن ۾ شڪل ول ڪتان گل آندا؟
سُج ۾ سار تي پاٽيءَ جي ڪلي، آئي آ!

اک رئڻ چاهي، مگر دل ته زبان تيڻ چاهي!
اڄ منهنجي ماءُ گهران رڌجي ڀلي آئي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻ هن عمر ۾ ڪالر لئہ وٺان گل ڪھڙو!
ڏيءُ آئي، تہ ڪِلي دل جي ڪلي آئي آ.

مون مَٽيون ڪوڙ گھٽيون، شھر گھٽئي بدلايم،
ياد همزاد جيان مون سان رَلي آئي آ.

هاڻ ڇاتم تہ وِڇون مون تي ائين ڇو اُريون!
رات، برسات ۾ ڪا جيءَ جلي آئي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر طرف گل هُيا بهار ڪان اڳ!
ڪيترا خوش هياسين، پيار ڪان اڳ!

جيڪو ڊوڙي نٿو، ڪري ٻہ نٿو!
ڪوٻہ لهندو آ چاهہ اُيار ڪان اڳ؟

آءٌ چُپ هوس، تہ ٻہ ڪنايئہ ڪِئن؟
لفظ ٻڌجن نٿا اُچار ڪان اڳ!

هِڪ ڦٽاڪي تي هِيسجي ويو جهنگ!
خوف ماريا پکي، شڪار ڪان اڳ!

ڪنهن تي ڪهڙي ميار، دل منهنجي!
ڪنهن لُٽيو هو نہ، اعتبار ڪان اڳ!

تنهنجي آمد جي ڏپ ڪڏيس دل مان،
درد منظر تي هو، فرار ڪان اڳ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکڙين کي هئا حجاب ڪجهه ۽ شيلف ۾ ڪتاب ڪجهه
مَهڪي هليا گلاب ڪجهه ۽ شيلف ۾ ڪتاب ڪجهه!

نيڻن جا رنگ رَتا هيا، رُت کي نشا پتا هيا،
ڇُلڪيل هيا شراب ڪجهه ۽ شيلف ۾ ڪتاب ڪجهه!

ڪِڙڪيءَ ۾ رات ريشمي، ڌڙڪن ۾ راڳ ڀيروي،
ڪمري ۾ ماهتاب ڪجهه ۽ شيلف ۾ ڪتاب ڪجهه!

مون وٽ هيو ئي ڇا ڀلا، هڪ نوڪري، ڪجهه ڇوڪريون،
ڪيئي گنهه، ثواب ڪجهه ۽ شيلف ۾ ڪتاب ڪجهه!

دنيا منجهان نه هئين ڪڏهن، دنيا جيان لڳين جڏهن،
ڇرڪي اُٿيا هئا خواب ڪجهه ۽ شيلف ۾ ڪتاب ڪجهه!

جلوَن بہ ڇٽنگ هئي ڏني، جذبن جي جوان جهنگ کي،
ماڻهو بہ هئا خراب ڪجهه- ۽ شيلف ۾ ڪتاب ڪجهه!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبَت ئي خدا آهي يا چاهي!
مُعمو حل بنا آهي يا چاهي!

جدائي تپسيا آهي يا چاهي!
ڪو هن جو ديوتا آهي يا چاهي!

هُو آيو آ- يا در ڪڙڪيو ائين ئي،
وَهم آهي، هوا آهي يا چاهي!

خدائي خاڪ ٿي ويندي، مگر دل!
حُسن کي ڪا بقا آهي- يا چاهي!

ڀَڃو سُگهڙو، سرشتيءَ جي ڳُجهارت،
وجودن جو خلا آهي- يا چاهي!

تہ پنهنجن چانوَ ۾ ماري رکي آ!
هي سنڌڙيءَ کي دعا آهي يا چاهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي روئڻ جي وِٿي ڏي تہ مان بحر ٺاهيان!
پنهنجي پيرن جي مِٽي ڏي تہ دل جو گهر ٺاهيان!

دل کي ننڍپڻ کان اڏامڻ جي تمنا آ گهڻي!
تنهنجي پنبڻين سان پنيوري جو هڪڙو پر ٺاهيان!

رات اونچي ٿي لڳي چين جي ديوار جيان،
جي ڍهي ٿي تہ سٺو، نہ تہ پو منجهس در ٺاهيان!

هڪڙو گهوڙو تو ڏڪي روز دل جي قلعي تي،
هي فتح ٿئي تہ نئين شهر جو منظر ٺاهيان!

مون کي موهن جي دڙي مان ٽا ڍڳا روز سڏن،
هانءَ ڦٽڪي تو چوي، ڇڏ تہ خود کي هَرُ ٺاهيان!

مون کي تاريخ جي تلوار وڍيو هو ڪڏهين،
آءُ اڄ تائين نٿو پٽڪي سندو وَر ٺاهيان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙي ٽڪرائجڻ ۾ مَهڪايو،
هڪڙي پيڙا ۾ نيٺ گل ئي ڪڍيا!

فائرنگ ۾ ۾ وَلِ سرحد جي،
خاردارن جي هيٺ گل ئي ڪڍيا!

هر پُراڻي شناس ايذايو،
هر نئين ڏيٺ ويٺ گل ئي ڪڍيا!

نفرتن وڻ وڌيا پئي رشتن جا،
ڪنهن جي محبت ۾ ميٺ گل ئي ڪڍيا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦن ڦن وانگر پَلُ پَلُ ڇٽندا، ٽٽندا ويندا ٽار سمورا،
نيٺ تہ ساهہَ بہ ٽڪجي پوندا، اُڇلي ڇڏبا بار سمورا.

ڪين خبر ڇا، جيئن وڏا ٿيا، ڪهڙي دولت ڪسجي ويندن،
وڏڙي ٽيڻ جي ننڍڙي خواهش، پالي ويٺا ٻار سمورا.

هاڻ تہ هڪڙي ريل وجي پئي گهڙِي، گهاٽي اونداهيءَ ۾،
ڪوبہ نہ ڄاڻي ايندڙ پَل جي اسٽيشن جا پار سمورا.

سپنا ناهہ جيان ٽلڪن ٿا، ڪرڻا لهرن ۾ مرڪن ٿا،
پنبڻيءَ پنبڻيءَ ۾ ڇلڪن ٿا، پاڻيءَ جهڙا پيار سمورا.

وقت تہ آهي ڊڪندڙ گهوڙو، ڪڏهن تہ ڇوڪر، ڪڏهن تہ پوڙهو،
لڪندو پڙهندو صرف وڇوڙو، نائي وڃهندو نار سمورا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن نہ سوچيو هو ڏک کي، دل مزدوري سمجهڻ لڳندي،
ڪڏهن نہ سوچيو هو هڪ ڏينهن تي، وڇڙي ويندا يار سمورا.

ڪاڏي ويا سي راجا راڻي، اک اک ۾ هُو سونا پاڻي،
رهڻي ناهي ڪا بہ ڪهاڻي، ڇڄندا پويل هار سمورا.

مون ۾ تِم تِم تمندڙ بارش منهنجي هئي،
انگ انگ اڏندڙ مينهن وساڙا تنهنجا هئا!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي جي آڳ پاڻيءَ کي، تہ ان جو پوءِ حل ڇاهي؟
محبت ٿئي مُهاڻيءَ کي، تہ ان جو پوءِ حل ڇاهي!

ڪٽي شهزادي کي ڪو ديو، جنهن جو ساهہ طوطي ۾،
ملي طوطو نہ راڻيءَ کي، تہ ان جو پوءِ حل ڇاهي؟

ڪهاڻيڪار ڪنهن ڪردار جي ڏک ۾ پوي سُڏڪي،
ڇڏي اڌ ۾ ڪهاڻيءَ کي، تہ ان جو پوءِ حل ڇاهي؟

وڄن هر ويل ڪنهن جي ڌڙڪنن ۾ جيڪڏهن گهنگهرو،
خدا بخشي جواڻيءَ کي، تہ ان جو پوءِ حل ڇاهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’اڪيورم‘ ۾ مَڇي ترندي، تہ آخر ڪيترو ترندي،
ڇڇي، دل جِي، اگر سَرندي، تہ آخر ڪيترو سَرندي!

يقينن عشق شعلو آ، مگر شعلي جو ڇا جيون!
هوائن ۾ ٻَتي پرندي، تہ آخر ڪيترو پرندي!

حياتيءَ جي حقيقت غم، مسلسل، مستقل غم آ،
خوشيءَ جي رُت بہ جي ڦرندي، تہ آخر ڪيترو ڦرندي!

اها دل ڪوهِ پيما، ڏونگرن جا ڏاڪڙا سَودي،
جي پلجي پُونءِ ڏي ورندي، تہ آخر ڪيترو ورندي!

ڪلي رکجي چپن تي، اُٿ جهلجي ڪنهن ڪنديءَ وٽ، پر
ڄدائي ڄون ۾ ٿرندي، تہ آخر ڪيترو ٿرندي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿلهي اعتبار تي هلندئن- هلي سگهندئن!
چَري دل تار تي هلندئن- هلي سگهندئن!

ڪڏهن ٻُڏندئن، ڪڏهن ترندئن محبت ۾،
نديءَ جي ڏار تي هلندئن- هلي سگهندئن!

ڪڏهن چَر پيلٽي پوندءِ جُدائيءَ جي،
ڪڏهن تلوار تي هلندئن- هلي سگهندئن!

اکيون ٻيڙيون ڪري، لڙڪن تي تاريندئن،
ٔ لڙڪن لار تي هلندئن- هلي سگهندئن!

هَرڻ ناهين، نڪو رُج ۾ هلڻ ڄاڻين،
مسلسل هار تي هلندئن- هلي سگهندئن!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چَري دل! خاردارن سان پئي وِچڙين،
رُتو رت سار تي هلندينءَ- هلي سگهندينءَ!

سدا شعلي جيان گهاريو اٿئي پاڳل!
۽ هاٿي ڇار تي هلندينءَ- هلي سگهندينءَ!

محبت جي فصل ڪي اُس تي گهرجي جدائيءَ جي،
وصل جي ڇانوَ لاڳيتيءَ ۾ قد ڪهڙو ڪندا سپنا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکان ڇڄي جيئان تہ پل ڦٽڪڻ ڏجان مونکي،
اُس ۾ جلڻ ڏجان، نہ ڪڏهن وڻ ڏجان مونکي!

گم سُم ڏسين تہ ڳِرِ لڳي ڳالهيون ڪجان اچي،
روئڻ اچي تہ جِي ڀري روئڻ ڏجان مونکي!

هڪدم ڇڏڻ جي ڳالھ نہ هڪدم ٻڌائجان،
رڳ رڳ ۾ ٽوڙ ڦوڙ ڪي سمجهڻ ڏجان مونکي!

باغِ عدن ڪپي نتو، جنت بہ تون سنڀال،
ٿر سان ملڻ وڃان تہ پو سانوڻ ڏجان مونکي!

ٻي ڪا مَهر پُڇئي نہ جي، هڪ وڙ ڪجان اي عشق!
ڳوڙهن جو جهنگ، درد جو ئي ڏڻ ڏجان مونکي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيءُ ڪنهن جاءِ تي ڄڄي، تہ جيئان،
مون کي تو بن جيئڻ اچي- تہ جيئان.

رڪ آهي اندر جي آويءَ ۾،
ڪيفيَت ڻانوَ جيئڻ پچي- تہ جيئان.

بي رنگيءَ جي اداس ٻيلي ۾،
شوق جو مور ڪو نچي، تہ جيئان.

ٻاهہ تي رُت سان لکيو هئم:'عشق...'
اهڙي وحشت وري مَچي- تہ جيئان!

دل پُراڻن يُگن جي رهواسي،
ڪنهن نئين رنگ ۾ رچي- تہ جيئان!

"هو ڪڏهوڪو ڇڏي هليو ويو آ!"
ڳالهہ هيءَ سمجهہ ۾ اچي، تہ جيئان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙي ڪاهيءَ مان اُٺيو، پهتو پهاڙيءَ تائين،
هيڪلو ٺيو تہ رُنو خوب پڇاڙيءَ تائين!

چؤطرف جهنگ ڦٽي آيو نوَن سڏڪن جو،
مون پراٽو نہ وڍيو هو، پڳل ڏاڙهيءَ تائين!

شهر مصروف هو لُٽ مار ڪرڻ ۾ ايڏو،
هڪ گڏي ڪنهن نہ ڏٺي، لٽبي وئي ماڙيءَ تائين!

رت ڪنهن جو بہ هجي، وهندو تہ ٻوڙي وجهندو!
هڪڙي چرچي ڪي وٺي وڃ نہ ڪهاڙيءَ تائين!

دل بہ دشمن جي طرف ٺئي تہ ٻلا ڪيئن وڙهجي!
هَٿ ٻڳل ڪيئن پُڄي تلوار اگهاڙيءَ تائين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوندھہ جي دل ۾ هڪ تيلي پرندي رهندي آ،
خاموشيءَ تي شور جي پيڙي ترندي رهندي آ.

رات، هوا، گمنام شهر جون گليون خوف پريون،
دل پنهنجي ئي ’ڌڪ ڌڪ ڌڪ‘ کان ڏرندي رهندي آ.

پنهنجي پيڙ ڏسان تہ لڳي تي عين اگربتي!
خاڪ ڪري، هڪ خوشبو خوب نکرندي رهندي آ.

ڄاڻي واڻي يا اڻ ڄاڻي، ماڻي راڻيءَ رات،
ان کان پوءِ هوا سان هُوءَ اڏرندي رهندي آ.

عمر بہ ڪهڙي پاڳل شيءِ آ، وڌندي- گھٽجي ٿي،
ياد سياڻي اُجھندي اُجھندي، جلندي رهندي آ.

صَرف سان توئي، ذهن جي هڪ هڪ رڳ کي صاف ڪيان،
پر هڪ پاڳل ڳُٽي، پو بہ وچڙندي رهندي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پينسل جو اسڪيچ محبت- الهڙ مصوّر جو،
اڪثر ٺهندي آهي، اڪثر ڊهندي رهندي آ.

ڏيءُ کي جو اسڪول ڇڏڻ مان وچان تہ تنهنجي ياد،
ٻارن وانگر رستي ويندي، ملندي رهندي آ.

وهمن جي جهنگ ۾ هڪ هرڻي اهڙي ڦاٿي آ،
کلي جيئڻ جي خوف کان پل پل لڪندي رهندي آ.

چند ڪِنياتو ناهي، هن وٽ پهچي ڪيئن پيغام،
تڙپ بہ زخمن وانگر ڪيئن اٿلندي رهندي آ.

تئي تي ترجي ها پر دل کي ڪنوُ نہ لڳي ها ڪاش!
عشق تہ اهڙي سُئي جا انگ چُڀندي رهندي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار ڪري، پڇتاءُ ڪرڻ ڪان اڳ ۾ سوچ،
دل سان ڊک جو داءُ ڪرڻ ڪان اڳ ۾ سوچ.

تنهنجو خون نہ پيئندو، ايئن تون ڪيئن ٿو چئين،
ڪو بہ درندو ياءُ ڪرڻ ڪان اڳ ۾ سوچ.

ٽڪرا ٽڪرا نيڻ بہ ٿيندا حملي ۾،
خوابن تي پٿراءُ ڪرڻ ڪان اڳ ۾ سوچ.

هار بہ ممڪن آهي، جيت بہ ممڪن آ،
اوندهہ سان اٽڪاءُ ڪرڻ ڪان اڳ ۾ سوچ.

هو تہ اٿئي هڪ پئونرو، هن تي ڇا اعتبار،
ساجن سان سرچاءُ ڪرڻ ڪان اڳ ۾ سوچ.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن لئہ ڪئي تو خدمت خوب انڌيرن جي،
اُلهڻ وقت اهاءُ ڪرڻ کان اڳ ۾ سوچ.

هر رشتو هڪ سُک بہ آهي، بار بہ آ،
سو ڌرتيءَ کي ماءُ ڪرڻ کان اڳ ۾ سوچ.

هاڻ ڀلي هڪ طنز ڀري همدردي ڀوڳ،
ڏک جو ايئن ڏيکاءُ ڪرڻ کان اڳ ۾ سوچ.

هانوَ تان ڇپ هَٽي نٽي سرڪارِ!
رنج جي رِپَ، هَٽي نٽي سرڪارِ!

پاڻ موتين جي مالڪياڻي تہ بہ،
سمنڊ کان سِپَ، هَٽي نٽي سرڪارِ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيءُ منهنجي پينٽنگ ٿاهي رهي آ شام جي،
شام خود ئي آرتي لاهي رهي آ شام جي!

وڻ پکين تي ڪئي نہ آ درخواست قبضي جي ڪڏهن،
بي سبب پاڳل هوا باهي رهي آ شام جي!

ڏينهن جو سرپنچ ڇا ڇئي، ڪير ياڳيو، ڪير چور،
چنڊ ملڪيت رات جي آهي، رهي آ شام جي!

ٿي سگهي ٿو رات راتاهو هڻي ڪجھ دير ۾،
ڳالھ وهمي ڳوٺ کي، ڳاهي رهي آ شام جي!

اُڏامي ٿي وڃي خوشبو، ڇڻن ٿا گل- ائين ڇو آ،
اهو سڀ ڄاڻندي ماڻهو، هڻن ٿا گل- ائين ڇو آ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ پراڻي ڪتاب ۾ آهي:
”سرشتي تنهنجي خواب ۾ آهي!“

تار ۾ تڙپ ڪنهن جي دل جي آ،
ڪنهن جي ڌڙڪن رباب ۾ آهي!

هڪڙو ڪو مرد آهي پوپٽ ۾،
هڪڙي عورت گلاب ۾ آهي!

لفظ آهن يا مُئل تانداڻا!
ڪيڏي اوندهه ڪتاب ۾ آهي!

ڪنهن تہ واسينگ جو زهر شامل،
شاعريءَ جي شراب ۾ آهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدا سُهڻي ٻڌي آهي قصي ۾،
ٻڌي ميهر تہ مَتجي ذائقو ڪجهہ!

ڪو وڻ وڍجي تہ هي ماني نہ ڪائي،
چون تا آهہ تورو 'سائڪو' ڪجهہ!

نوان ماڻهو بہ ڪجهہ آباد ڪن تا،
پراڻي عشق جو عيلائقو ڪجهہ!

ندي لڙڪن جي ٿاهيندو هجر ۾،
ڪندو پيو چا يلا ڪنهن لاءِ ڪو ڪجهہ!

انڌيرا شهر جا مَيڙي سگهي تي،
اندر ڪي چا ڪندي- اِسٽريٽ لائٽ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھِرا، گھاٽا ڪارا اُلڪا، چار وچايو ڪيئن بيٺا ھئا!
سپنا ھئا يا ٽانڊاڻا ھئا، ڇِھرمر لايو ڪيئن بيٺا ھئا!

ھن جا انگ بہ ڦوٽھڙن ۾ ڪچي ٻور جي خوشبو جھڙا،
پؤنرا ھئا يا ديوانہ ھئا- مَست بڻايو ڪيئن بيٺا ھئا!

ڪاڪِ اڳيان لک نيڻ وڇاڻا، ھا پر او مومل جا راڻا!
چندَ بہ تنھنجي چانگي آڏو، ڪنڌ نمايو ڪيئن بيٺا ھئا!

ڄھونجھڪڙي جو ڄيءَ ۾ ڄھڙ ڦڙ تنھنجي سار ڪنوڻ جو ڪِجڪو،
مَن جي ڇن تي رُڻ جھڻ بادل، راتيون رانيو ڪيئن بيٺا ھئا!

رڻ جو پنڌ، ڪليءَ نہ پاڻي، سِر تي سِجُ لڪي آڪاٽي،
ان حالت ۾ تنھنجا غم ئي- دل ٻھلايو ڪيئن بيٺا ھئا!

جھنگلي گل ھا تنھنجا واعدا، ھا پر پوءِ بہ گلَ ئي سڏبا!
جيئن تيئن دل جي ويراني ۾ رنگ رچايو ڪيئن بيٺا ھئا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات آئي- رمي- وڙهي ويئي!
مون سان تنهنجي ڪمي وڙهي ويئي!

مون ۾ آيا ڳلي ڳمر تنهنجا،
اک ڳپر سان نمي وڙهي ويئي!

رات ناراض ٿي اُٿي بيٺي،
باک هڪ شبنمي وڙهي ويئي!

خواب هڪڙو مَري- ويو ماري،
آرزو هڪ ڳمي- وڙهي ويئي!

هڪ ڪِلٽيءَ جي آئي ياد،
اک ۾ ڳوڙهو مُرڪيو پئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوان گم ڪيا ويا، نشان گم ڪيا ويا،
سدائين سنڌ تنهنجا آسمان گم ڪيا ويا!

اسان جا پير پيي هيا ۽ هئا به ڪنهن زمين تي،
اهي سيئي رڪارڊ، سڀ بيان گم ڪيا ويا!

خدا اڪث نِڪث ڏنا، ۽ سون جهڙا پٽ ڏنا،
غليظ سازشون ڪري، جهان گم ڪيا ويا!

نسل عجيب فصل آ، وڍيو ته تو وري ڦٽي،
پلي ته پاڙ ڪان پٽي، نشان گم ڪيا ويا!

متان پڙهي نه ڪو وٺي، ”ظلم سَهڻ به پاپ آ“
اسان جي مسجدن مان سڀ، قرآن گم ڪيا ويا!

خدايا! هاڻ چا ڪيون، وڙهي مَرون- مري وڃون؟!
زمين ڪُل ڪسي وئي، زمان گم ڪيا ويا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زماني ۾ رهيا ته چاڻ جيئا ته چا مُئا ته چا!
جنين جا ڏوڙ مُولِهيا، ۽ مان گم ڪيا ويا!

اي داستانَ گو ٻڌو، هي داستان دؤر جو:
مَڪين ڪل ڪنيا ويا، مَڪان گم ڪيا ويا!

قصا چنيسرن سندا ڏنا ويا نصاب ۾،
رِتا سان دودلن جا داستان گم ڪيا ويا!

اسان نه جنگ ڪا مَڙهي، اسان نه ديس ڪو لٽيو،
تڏهن به چا نه ويو لُٽيو، ۽ چا نه گم ڪيا ويا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڙڪن ڪي ڪجهه سُڪون، نہ ئي دل جي ذات کي،
قاڙي ڦِٽي ڪيان مان سڄي ڪائنات کي.

هڪڙو دفعو مان تنهنجي اڳيان سُرخرو هجان،
پل پو سِگهي مري وڃان پنهنجي نجات کي.

ناهيان حسين آءٌ، نہ ئي سنڌ ڪربلا،
گهوڙن تڏهن بہ گهيريو منهنجي فِرات کي!

ٽاڪو ٽنڊل لڳي وڃي، موتي اچي ڪوئي،
سُڏڪي ٻڏي لڳي وڃي ڪو منهنجي رات کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلڙيون ڦارون آهن ڇا،
ڏڙڪن ۾ تلوارون آهن ڇا!

بلڊ پريشر وڌيل خبرن جو،
ڪاوڙ ۾ اخبارون آهن ڇا!

تو تہ ائين ٿي مُرڪيو هوندو پڪ،
سُس پُس ۾ بازارون آهن ڇا!

ڀئنرا اِئن ڪئن ايندا ڪاڪِ ترڙين،
مومل جون مَهڪارون- آهن ڇا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل سان ڪائي ڳڙٻڙ ٿي آ ڇاءِ
هِردي ۾ هُٻڪارون آهن ڇا!

ڪالهہ شهر مان سرمد گذريو هوءِ
سَڪتي ۾ درٻارون آهن ڇا!

ٽڪرا ٽڪرا ٿي پهتو اسحاقءِ
ٽڪرن تي بہ مَيارون آهن ڇا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو آخر ڇا ٿيو هو، تنهنجي منهنجي وچ ۾،
لمحو ترڪي ڦٿڪي پيو، تنهنجي منهنجي وچ ۾!

هڪڙي سُڏڪي ڦئنچيءَ جئن، منظر ڪتريو، ڦاڙيو،
خنجر جڻ تہ کتو پيو هو، تنهنجي منهنجي وچ ۾!

گل سُڪي ٿيو مُڪڙي، ۽ مُڪڙي ٿي وئي ڏاندي،
اونڌو فطرت جو چرخو، تنهنجي منهنجي وچ ۾!

درد ڇَتي هو چولي جي، درد اسان جي اوگهڙ،
ڪِلندي ڪڏندي گم ٿيو هو، تنهنجي منهنجي وچ ۾!

دل جو هَنج مُئو پيو هو، پيار نہ آڇيو پاڻي!
رشتي بيٺي رت ٽُڪيو، تنهنجي منهنجي وچ ۾!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادل چَري رهيا هن،
اُس کي هُتان هِتان ڪان!

پيڙا ٿُڪي رهي آ،
دل کي جتان ڪٿان ڪان!

آٿي تو غم پڪالي،
پاٿي ڪٿان ڪٿان ڪان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بابا بابا...“ ايئن جو منهنجي ڏيءُ چيو،
تارن چمڪي، خوشبوءِ مهڪي، ”جيءُ“ چيو!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شامَ هوليءَ جي، چنڊ ڪوليءَ تي،
پيرُ مرڪي انهيءَ پروليءَ تي!

دل انهيءَ گهورَ تي بہ گهٻرايو،
سِڄ اڇلي هئي جا چوليءَ تي.

دل ڪي آيو ڇُهيو تہ پنهنجن لاءِ،
پيار آيو تہ پنهنجي ٻوليءَ تي.

ٻونءِ تي اڪ ٻُڏي بہ ڪئن هن جي،
اُڀ ٽاڪي هلي جا چوليءَ ۾!

سڀ سلامت گگوش اُڏريا، پر،
ڍنڍ جي دل ٽٽي پئي گوليءَ تي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي، خواب اميرياڻيءَ جو،
عشق ڄڻ ٻار فقيرياڻيءَ جو!

منزلن کي شڪست رستن جي،
پنڌ ڪٽندو نہ پانڌياڻيءَ جو.

هجر گهرجي گلاسُ سونهري،
وِلهہَ کي سات سنگتياڻيءَ جو.

ڏوڙ ۾ ذرّ سِيسي نٿو سنيران،
سنڌ ميدان ٿي مياڻيءَ جو.

آءٌ پيرن جي خاڪ سسئيءَ جي،
آءٌ عاشق نہ آرِياڻيءَ جو.

مان مسلمان، معتقد مشهور،
هڪڙي ڪئلاشي ڪافرياڻيءَ جو.

هن غزل جي مطلع ۽ مقطع ۾ قافيو باقي غزل جي قافيي ۽ وزن سان نٺا هلن، پر ٻيهر بہ غور ڪرڻ سان مونکي ڪو بهتر نعم البدل سجهي نہ آيو تہ غلط ئي رهڻ ڏنم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙي پيري ھُو ۾ مانُ،
ان ڪان پو خوشبُو ۾ مانُ!

تو مُرڪيو، هڪ صحرا ۾،
ڦول ٽڙيا هر سُو ۾ مانُ!

دوزخ جهڙي دنيا ۾،
هي تنهنجو پهلُو ۾ مانُ!

تنهنجي هڪڙي نهڪر تي،
جلندا وياسين لُجو ۾ مانُ!

غم جي ٻيلي ٻُور جهليو،
ڪوئل جي ڪوڪو ۾ مانُ!

اندلٺ جهڙي آرس تي،
ٻن ۾ ٻهڪي ٻو ۾ مانُ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُڃي ساهَن جي واڙي آ- ڪجي ڇا!
هي دنيا، دل اجاڙي آ- ڪجي ڇا!

محبت مَشعلن جو قافلو آ،
۽ هر مشعل اُماڙي آ- ڪجي ڇا!

اگهاڙپ تي بُڇان جائز، اي واعظ!
مگر فطرت اگهاڙي آ- ڪجي ڇا!

”نہ ڪم نبريو، نہ غم نبريو“ اسان جو،
اهو ئي غم ڏهاڙي آ- ڪجي ڇا!

خدا هوندي مُلو دنيا هلائي،
هي دنيا ڪجھ بُڇاڙي آ- ڪجي ڇا!

اونچائيءَ تان ڪاهيءَ ۾،
خوف ڀري اونداهيءَ ۾.

گم ٿي ويندا پاڇولا،
لهندا ويندا لاهيءَ ۾.

پيار اُڃن لئہ پاڻي آ،
پِي ويندا هڪ ساهيءَ ۾.

ڇم ڇم، ڇم ڇم گهنگهرو ياد،
رِم جهم رِم جهم راهيءَ ۾.

مان ۽ منهنجي تنهائي،
هڪ ٻئي جي همراهيءَ ۾.

پئونري ڪاٽي عمر سڄي،
گل گل جي گمراهيءَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تارازيءَ جي هڪ پُڙ ۾ هو عشق- تہ ٻيو پُڙ غائب هو!
تون اندلث تي آئينءَ مون وٽ، نيڻن جو جُهڙ غائب هو!

رات سڄيءَ جو مَيرو واعظ، ڌوتو هو آذان اچي،
ُايريا جيئن ئي مور ٺهوڪا، ڪانوَن جو لڙ غائب هو!

ان رستي تي هڪ ننڍڙي درگاهہ جي چانوَ اجا ٻيي آ،
جنهن رستي تان وڻ وڍجي ويا، پن پن، ٽڙ ٽڙ غائب هو!

جڏهن بہ منهنجيءَ ماءُ پڇائي، هر شيءِ پاڻ مِٽي تي پئي،
توڙي ٻَرني خالي ڪنڊ جي، ۽ گهر مان گُڙ غائب هو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توڙڻ هار جي ڪهاڻي هئي،
پي تہ اخبار جي ڪهاڻي هئي.

چند جي دوستيءَ اوندهہ سان،
چاتہ تڪرار جي ڪهاڻي هئي.

هر تنگيل اعتبار شاهد آ،
دوستي، دار جي ڪهاڻي هئي.

هر ڪهاڻيءَ پٺيان لڪل هو عشق!
عشق، تلوار جي ڪهاڻي هئي.

توکي ڪهڙي خبر تہ ڪِل تنهنجي،
وقت تي وار جي ڪهاڻي هئي

شاعريءَ جو تہ صرف اوچڻ هو،
هانوَ تي بار جي ڪهاڻي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُرمئي شام جي واڱڻائي هوا،
منهنجي حالت ڏسي، مُسڪرائي هوا.

رُت گهڻو ئي رُنو، پر نہ تو ڪن ڏنو،
عشق هڪ آڳ آ- ۽ جُدائي هوا.

سئو تماشا ڪيئين، منهنجا ياڳا ڪيئين،
مون تہ سَئو سَئو دفعا آزمائي هوا.

تنهنجي خوشبو ڪٺي، تنهنجون ڳالهيون ڳٺي،
منهنجي وندرائي پئي، واندڪائي هوا.

بالڪونيءَ ۾ ناسي خمارن جي وَل،
هڪ سُنهري گهٽي، هڪڙي سائِي هوا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نــاچ نـيـلــوفــرن کـي نـچــايـا ٿــي جـنهن،
مون سـا تـنـهـنجـي وِکـن ۾ وچـائـي هــــوا.

هـڪ ته مون تي نشي جا ٻه ڪـجهه ڪيپَ هئا،
ٻـيـو تــه تـنـهـنجـي رُبـاعــي ٻـڌائـي هــــوا.

تنهنجي ڇُنريءَ پٽيان، تنهنجي والي وٺان،
انــدلــٽــي انــدلــٽــي جِهلـمـلائـي هـــــوا.

مَيگهه کي دانهن تنهنجي ڏنم پئي ته بس،
مون تي اُلريون وِچون، مون تي آئي هـــوا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل وري داءَ ۾ رکي ڏسجي،
هڪ ڏيئو واءَ ۾ رکي ڏسجي!

هَٿ تہ هن کي ڇڄي ڪيو پورا،
نِينهُن نهتاءَ ۾ رکي ڏسجي!

لُطف ڪجهہ ماڻجي تضادن جو،
سانت ڳالهاءَ ۾ رکي ڏسجي!

هِئن بہ منصور کي ڏجي پيتا،
جسم پٿراءَ ۾ رکي ڏسجي!

پيرِ جي شان رکي وڏائڻ لئہ،
تنهنجو غم گهاءَ ۾ رکي ڏسجي!

ڪنهن نہ ڪنهن خواب جي ڪنڌي لهندي،
ننڊ کي ناءَ ۾ رکي ڏسجي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوپ ساڳيا، چَانهه ساڳي پي رهيا هئا،
ازدواجي زندگي ٻئي جِي رهيا هئا!

صبح ڏاري وئي ڳِهي آفيس جن کي،
شام ڏاري واڪِ تان موٽي رهيا هئا!

تون لنگھيو آهين هتان ڪڏهين نہ ڪڏهين،
راهَہ ۾ رابيل ڪجهه مَهڪي رهيا هئا!

ڪجهه اصولن تي چڙهي آيا هئا هن کي،
گهر اچي چالاءِ غم سڏڪي رهيا هئا!

دل وهاڻي جي شڪل ۾ پئي وڪاڻي،
شهر ۾ بڪ شاپ جو بند ٿي رهيا هئا!

لڙڪ، تارڻ ۾ لڳل هئا خواب منهنجا!
۽ پکي ڪجهه ڏندَ تي ٽڙڪي رهيا هئا!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ شاديون ناڪام ٿين ٿيون چاهن،
ٻي چينيون، آرام ڪرڻ ٿيون چاهن!

سَتين جي قبرن تي غصو ڪائن،
شهزاديون بدنام ٿين ٿيون چاهن!

خاص ته ناهن تنهنجون منهنجون ڳالهيون،
پوءِ ڇو پاڳل عام ٿين ٿيون چاهن!

ڪليل جيئندي ڇا نه وڃايو خوشبو،
هاڻ ڪليون ڪا مام ٿين ٿيون چاهن!

ڪاريون ٿي، منجهند جو ماريون ويندبون،
صبح گهڙيون، جي شام ٿين ٿيون چاهن!

هاڻ محبت زخمي شينهڻ آهي،
سڀ هرڻيون ڪٿ سام ٿين ٿيون چاهن!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي اک جي جو آر سان اٿڪي،
دل ذري گهٽ بهار سان اٿڪي!

ترپي ترپي مري وئي ڳوٺاڻي،
هڪڙي شهريءَ جي پيار سان اٿڪي!

مَست سوچيو اٿئي محبت ۾،
هڪ اگهاڙيءَ تَرار سان اٿڪي!

مان بہ ويڙهي منجهان وڙهي نڪتس،
هوءَ بہ پنهنجي قطار سان اٿڪي!

هر دفعي تو ئي هڪ اڪيلي لاءِ،
هر دفعي هوءَ هزار سان اٿڪي!

هيءَ جا محبت اٿئي نہ اي اسحاق،
جڻ تہ چُپ، انتشار سان اٿڪي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدا کي ناستڪ مان خوف ناهي،
ڪو مُلي کان بچائڻ جو ٻه سوچي!

ڪپي مذهب، مگر جو گوشت سان گڏ،
محبت کي ورهائڻ جو ٻه سوچي!

رڳو عينڪ، رڳو منظر تي غصو!
ڪو اک تان دز هٽائڻ جو ٻه سوچي!

وڻن وڍجڻ تي واويلا ٻه بهتر-
مگر ڪو وڻ لڳائڻ جو ٻه سوچي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ بيابان هو يا جيون هو،
غم جو طوفان هو يا جيون هو!

تون بہ آيو تہ هُئين ٿوري دير،
محل سُنسان هو يا جيون هو!

تو ڏٺو ۽ نہ تو پڇيو ڪڏهين-
تنهنجو مهمان هو يا جيون هو!

رت، گهوڙها، رڙيون، ۽ موت جو خوف!
جنگ جو ميدان هو يا جيون هو!





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواهشون ڏِڳ، ڍِڳل ٽٽل سپنا!
هي ڪو سامان هو يا جيون هو!

هر ڪنيل ساهه تو ڇُپيي دل ۾،
هانوَ ۾ ’ڪان‘ هو يا جيون هو!

ڪجهه نه ڪجهه روز پيا وڃايون ٿا!
هڪڙو نقصان هو يا جيون هو!

”ٽڪ ٽڪ، ٽڪ ٽڪ..“ جِيءُ ٽڪي،
عشق انوکو ڪاٽ ڪٽو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي بہ احسان آهي قسمت جو،
دوست، دشمن جدا جدا ناهن!

تنهنجو دامن جي بي رفو آهي،
لڙڪ پنهنجا بہ بي بها ناهن!

شڪر آهي تہ شهر جا حاڪم،
ڪجھ بہ آهن، مگر خدا ناهن!

حسن ڪئي انتها نوازش جي،
بي عقل هوش پر خطا ناهن!

ماپ دل جيءَ ڪان ڪجھ وڏا ٿيندا،
قد ڏڪن جا گھٽا وڏا ناهن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سماعت ۾ عطر اوتي ڇڏي ٿو،
سُڳندن مان ٿهيل آواز هڪڙو.

اکين کي ڪوڙ جي عادت نہ هئي، سو
سَلي ويٺيون شهر سان راز هڪڙو.

رنگيني، روشني، خوشبو رُسي وئي،
جڏهن کان دوست ٿيو ناراض هڪڙو.

لقب، القاب، تمغن کان متي آ،
اهو سنڌي هجڻ جو ناز هڪڙو.

شهيدِ حسن هئاسين، اڄ بہ آهيون،
وڃايوسين نہ هي اعجاز هِڪڙو.

وطن تنهنجي مٽي اوڍي سُتاسين،
اهو ئي ڪوڙ آ اعزاز هڪڙو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرءُ جا گل شڪار آهن، تہ آهن،
مگر دل ۾ بهار آهن، تہ آهن!

اجا ڏڪن جڇپي تي نانءُ هن جو،
ڪٿي شڪوه هزار آهن، تہ آهن!

اي دل، هڪ نئين روايت ضبط تنهنجو،
اکين ۾ آبشار آهن، تہ آهن!

نہ فطرت هٿ رکيو شفقت جو جن تي،
اهي منهنجا ئي يار آهن، تہ آهن!

تَتل زنجير تا لوهار جوڙن،
تَتل پر اعتبار آهن، تہ آهن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي ناراضگي هئي هر نظر ۾،
مگر رُت تي نِکار آهن، تہ آهن!

ڪوئي ٽڪرائجي ويو جامَ وانگر،
خُمار اڄ بي شمار آهن، تہ آهن!

گهٽيءَ ۾ وِڄ وانگر هوءَ نڪتي،
لهي پيا ڪارونيار آهن، تہ آهن!

اهي- جن جي جدائيءَ ۾ بہ جادو،
اهي جِيءَ جا جِيار آهن، تہ آهن!

سيئي سهٽيون تيار آهن گهڙن سان،
سيئي درياهہ تار آهن، تہ آهن!

رهن رُت ۾ درندن جا قبيلا،
عقيدا خونخوار آهن، تہ آهن!

ملاوت جي زماني ۾ بہ، دنيا!
ڪي ماڻهو نِڄ نِبار آهن، تہ آهن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يلپي رد ڪن، يلپي رديءَ ۾ وڪڻن،
جڏهن چئون ٿا تہ يار آهن، تہ آهن!

ڪندو ٽڪرا، ڪندو ڀيو ڇا زمانو-
اسان کي توسان پيار آهن، تہ آهن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق جو هٿ ڪري ڏِئو ايندس،
چِرڪ وانگر ئي اوچتو ايندس.

پاڻ ڪان دور تو رهان ليڪن،
تون سڏيندين ته مان يڪو ايندس.

هُن جو اُت پو پلاٽبو، پهرين،
اوچنگارن جو قافلو ايندس.

عشق جو لڪ لنگهيو ته آڌو ئي،
هڪڙو صدمن جو سلسلو ايندس.

جِي نه سگهندو، مرڻ نه چاهيندو،
هڪڙو اهڙو به مرحلو ايندس.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڏ تہ في الحال عشق اُڪلايان،
تو ڏي هڪ ڏينهن هڪ مَنو ايندس.

پاڻ پنهنجي دليل تي ڪلندو،
جنهن گهڙيءَ دل جو فيصلو ايندس.

آخري جنگ آسمانن سان،
تن ڪي ڏيئي شڪست پو ايندس.

ڪوهيڙي ۾ ٽانڊاڻن جي ٽـولـي ڏسجان،
پس منظر ۾ پُـراســرار پرولـي ڏسجان!

ٻيڙيءَ وارو ’سهڻي‘ ڳائي، ڇاٽو چاهي؟
’سِينگارِي‘ جيئن لچندِي چولي چولي ڏسجان!

جيوَن جا سڀ رنگَ وچائي موٽڻ وارا!
ماءُ جا پير چُمي جيئن اٿندين- هولي ڏسجان!

گُلَ تہ وڪـڻ نـڪـتو آهين، پوپٽ- نينگر!
خوشبوءَ بدلي، جڳ آچيندءِ گولي- ڏسجان!

سهڻي: شاهہ سائين جو سُر سهڻي
سِينگاري: هڪ خوبصورت مڇي




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻ ڪا نئين وحي اچڻ گهرجي،
غم گهٽو ٿيو، خوشي اچڻ گهرجي!

ٿئي ڇٽڻ تي ٽِڙڻ جي رُت حاوي،
مـوت تـي زنـدگـي اچـڻ گهرجي!

ڪـوڙ ٿـيـو امـتـحـان مـاڻهـوءَ جو،
هـاڻ فـطـرت نـمـي اچڻ گهرجي!

يـارڙن جو قـسـم اٿـئـي، اي ربَ!
زلـزلـن ۾ ڪـمـي اچـڻ گهـرجـي!

عشق آهـي خـدا جو آخري لفظ!
عـشـق جو ڪـو ولـي اچڻ گهرجي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڻ ڪنديو خود مچيءَ ڳلي لايو،
دل ٻرندي، پر نه ڪيس سُک آيو!

گهٽ ڪيو ڪجهه غرور هن پنهنجو،
مون به پنهنجي انا کي سمجهايو!

سانوڻي ساوڪن تي برسي وئي،
اُڃ ۾ رڻ ويو تي مُرجهايو!

ڪوبه سمجهي سگهيو نه راڳيءَ کي،
هُو رُنو تي، يا هن پئي ڳايو؟

چند آهي خدا جي پاڙي جو،
هن به هُن کي ته، ڪجهه نه سمجهايو!

شاعري، زندگيءَ جو حاصل تي،
مون ڪتيو هو- الئه جي هارايو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻن قبيلن جي هڪ لڙائيءَ ۾،
عشق ڇِهچندو رهيو جدائيءَ ۾.

حُسن مغرور هو، تہ جائز هو،
خود خدا هو سندس خدائيءَ ۾.

وصل جي باغ ۾ ٽڙي هئي دل،
لوڻَ جي ڪاڻ هئي جدائيءَ ۾.

ڊوندي، سِرٽيون ۽ ڏڙڪندڙ پٽڙي،
ريل ڏڪندي وڃي ٿي تائيءَ ۾.

رات وانگي ڏيو ڪِنو، ڪارو-
چنڊ وانگي ڪنول هو ڪائيءَ ۾.

ياد ايندو ڪمن ۾ گهٽ گهٽ آ،
ساهہُ ڪيندو آ وارڪائيءَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙو ٻڙ جو وڻ آ مون ۾،
ان ڪان هيٺ اگهڻ آ مون ۾.

ان ڪان اڳتي هڪ رستو آ،
رستي تي راوڻ آ مون ۾.

ڏيپ جو نيرو نانگ ٻہ آهي،
چنڊ مٿس چمڪڻ آ مون ۾.

وارياسي تي هڪ ڦلواڙي-
ويجهو ئي واهڻ آ مون ۾.

آهن نيڻ قلندر منهنجا،
سپنن جو سيوهڻ آ مون ۾.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنمن جا اوجاڳا جاڳن،
ٻَن ٻَن جو ڀٽڪڻ آ مون ۾.

بادل جون چوٽيون ٿيون چمڪن،
سارو ئي سانوڻ آ مون ۾.

ساهڙ ساهڙ سهٽي سهٽي!
ٻيو دانُهن جو ڏڻ آ مون ۾.

برکا آئي، دل گهبرائي،
رُت شرمائي چڻ آ مون ۾.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُرڪ اکين جي خوشبوءَ جي،
دنيا هڪڙي جادوءَ جي.

ريلَ لنگهي وئي روحن تان،
سِيٽي وڄندي بائبوءَ جي.

هيڏي اوندهِ ڇا هَڪلي،
ٽِم ٽِم هڪڙي ڄُڳنوءَ جي.

ليليٰ ڇــا ڪــان شــرمــايــو،
ڳالهه تہ نڪتي مجنوءَ جي.

جنت جي هُئي آڄ، مگر،
گهر ڪئي تنهنجي پهلوءَ جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀُوڄي سين ’استاد‘ اسان،
مٿي ٽنهنجي دادوءَ جي.

تو وٽ راهون ڪوڙ اسحاق،
مون وٽ هڪڙي ’سَچُوءَ‘ جي.

استاد: استاد بخاري۔ سچُو: سچل سرمست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجيءَ ذات کان ٻاهر نڪتس،
ڪاريءَ رات کان ٻاهر نڪتس.

ڄڻ سان توري مُنهن ماري تي،
ايئن برسات کان ٻاهر نڪتس.

تون نيڻن ۾ ڀرجي آئين،
ڪائينات کان ٻاهر نڪتس.

ڀو آيس تنهنجي ويڙهي ۾،
پهرين نِيات کان ٻاهر نڪتس.

جڳ ٺڪرائي، پٺ تي آيس،
جِيت ۽ مات کان ٻاهر نڪتس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجا رستا- ۽ گلدستا،
سڀ سرمستا- ۽ گلدستا!

ٻوناٽي اسڪول ڏي ويندڙ
ڦاٽل بستا- ۽ گلدستا!

گهبرايل گهبرايل خوشبوءِ
فوجي دستا- ۽ گلدستا!

اوري آئي دلڙي پاڳل-
سڀ سربستا- ۽ گلدستا!

هر شيءِ مهنگي هئي بازار ۾،
سپنا سستا- ۽ گلدستا!

اهڙو چهرو ٻـرڪا جـو،
جهڙو منهنجي آشـا جـو.

مجنون مُرڪيو پاڻ مٿان،
رنگ عجب ٿيو صحرا جو.

پيرَ هليا ٿـي نيٽن ڀـر،
جادو تنهنجيءَ ڳـولا جـو.

سانوڻ جو هي وِهنتل چنڊ،
چڻ ڪو سپنو ساڀيا جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڙ تهن ٽا رقص منجهان،
تـن کي ڏپ چـا دنيا جـو.

هڪـڙو شخص حقيقـت آ،
بـاقـي جـڳ آ مـايـا جـو.

وڪـٽيو لفظ تقدس کي،
ڪنڌ جهڪيل هو معنيٰ جو.

رانديڪـڙا ٽـٽـل ڦـٽـل ڳوليءِ اچان ڪـٽان،
نـنديپڻ وري وٽي اچان، ڪـيڏي به مُلهه ملي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهين جو درياهہ جذهن هُو اُڪري آيا،
جسمَ جا ساوا ڪيٿ اکين ۾ اُيري آيا!

ڳالهين جو درياهہ جذهن هُو اُڪري آيا،
جسمَ جا ساوا ڪيٿ اکين ۾ اُيري آيا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل جي اداس وَل تي، ٿم ٿم ٿمي ٿي بارش،
ڇم ڇم ڇمر ڇُلي پيا، نم نم نمي ٿي بارش!

ڇُپ ڇُپ وٽن ڇورايا، قاتل نفيس قطرا،
ڇپرن جي ٿوٿ ڪنڊ ڪان، سم سم سمي ٿي بارش!

جهنگلي گلن جي آڏو، شهري حسين عورت،
هڪ نانگُ وٽ ڪائي، جهم جهم جهمي ٿي بارش!

طوفان روز ايندا، ڪنوٽيون ٻہ روز ڪِجنديون،
پنهنجو ملڻ مقدر، گهم گهم گهمي ٿي بارش!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوابَ، ڪتابَ، شرابَ- اداسي ۽ سگريٽ.
هڪ دل، ڪوڙ عذابَ- اداسي ۽ سگريٽ!

ڪوٺي آئي سنجيده ڪجھ پيڙائون،
ڏِيمي ڏن رباب- اداسي ۽ سگريٽ!

بي ترتيبي- چُغلي، ڪمرو شاعر جو،
صرف ڪتابَ، ڪتابَ- اداسي ۽ سگريٽ!

اوندھ روڪي سگھندي ناهي چمڪڻ کان،
ٿانڊاڻن جا خوابَ- اداسي ۽ سگريٽ!

بارش ڏوئڻ آئي مَيريءَ دنيا کي،
ٽپ ٽپ رُئن گلابَ- اداسي ۽ سگريٽ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻُڙڪ لِيڪي پراڻي ڪاپيءَ تي،
”مِينهُن“- عنوان ۾ لکي آئي.

پنهنجي تصوير سج ۾ ٺاهي،
”ڏينهُن“- عنوان ۾ لکي آئي.

ٽي ڪيئين ڇيڙڇاڙ هرڻيءَ سان،
”شينهُن“- عنوان ۾ لکي آئي.

پنهنجي سُهڻيءَ سان پيٽ تي مُرڪي،
”نينهُن“- عنوان ۾ لکي آئي.

دل کي داڻا ڪري ڪٽي پهتي،
”پِينهُن“- عنوان ۾ لکي آئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪجھ شعر

نہ ئي مَري تو زمانو، نہ جِي رهيو آهي،
خدا عجيب ڪهاڻي لکي رهيو آهي!

□

هڪڙي نِهار چڙ تہ ڦٽي هئي بهار مان!
دل ۾ دفن هو باغ، سو دريافت هن ڪيو!

□

هڪ طرف منهنجي محبت جون اکيون نم آهن،
ٻئي طرف شهر ۾ چاجو آ جشن، چا معلوم!

□

درد دل جي ئي فسانن مان ڏجان!
مون ڪي منهنجي ئي خزانن مان ڏجان!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل جا سچا- تون ۽ مان،
ڪن جا ڪچا- تون ۽ مان.

سامهون غم جو ديو، پٽيان-
جڳ جي هَچا- تون ۽ مان.

پُوٽين جهڙا پنهنجا جيءَ،
ڏونگر ڏچا- تون ۽ مان.

ڪوڙو سچو پنهنجو پيار،
ڪوڙا، سچا- تون ۽ مان.

سڪندين خاموشيءَ جي لاءِ،
شور نہ مچا- تون ۽ مان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنج گهٽجي، ته ڪجهه سڪون ملي،
خيالُ مَٽجي، ته ڪجهه سڪون ملي.

پيرُ ايذي، جو ڪاش سارين سان،
ساهہُ سَٽجي، ته ڪجهه سڪون ملي.

وانءُ وانگر ڪِڏي اندر پنهنجو،
ويهي وَٽجي، ته ڪجهه سڪون ملي.

هڪڙي وحشت ڏُکي ٿي نس نس ۾،
ماسُ پٽجي، ته ڪجهه سڪون ملي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتظار چڏيو آ اِينگهائي،
وقت ڪٽجي، تہ ڪجھ سڪون ملي.

ذهن ڇڻ چوڪ جو سپاهي ڪو-
گوڙ گهٽجي، تہ ڪجھ سڪون ملي.

چنڊ جي رات، ننڊ پرديسي،
خواب ڪٽجي، تہ ڪجھ سڪون ملي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين کي عشق جو اوڇڻ، عجب اسرار پاتل آ،
قديمي درد جو دل کي نرالو هار پاتل آ.

رڱن کي رقص ۾ تحليل ٿيڻ جي آرزو آهي،
لٽن کي ڇا ڪبو هاڻي، اسان کي پيار پاتل آ.

اڌورا ڪيئن چئون جيڪي جدائيءَ کي وصل ڄاڻن،
اُگهاڙا ڪيئن چئون، جن کي بدن تي يار پاتل آ.

جئين محبوب قبرن تي گلن جون چادرون آهن،
تصوُر کي ائين ڪجهه چوڪرين جو ڄار پاتل آ.

مٽيءَ تي جيئن لٽا آهن تہ هڪڙو پل سُتا ناهن،
ڄُتي پائن نٽا، پيرن کي ڪجهه ڪم ڪار پاتل آ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَمي جي سِياهي، سَمي جي سُهائي،
سَمي جي سموري جهان تي خدائي.

ڪڏهن تخت، ڪڏهين سيَهه بخت بڻجي،
سَمي جي تہ سنگم، سَمو ئي جدائي.

اديڙي ڳنڍي تي، ڳنڍي تي اديڙي،
سَمي جي سُئيءَ جي، اُٿت آ اِهائي.

سيئي جام هاري، وجئون پاڻ واري،
اڪيلا اڪيلا، تَوائي تَوائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇُهي تو تہ صحرا بہ باغِ عدن ٿيو،
ڇڏي تو تہ خوشبوءِ بہ خوشبو وڃائي.

ڪٿان ڪان هليو هُئين، ڪٿي هاڻ پهتين،
سفر جي مزي ۾ تو منزل گنوائي.

ڇڏي آئين اسحاق پٺتي زمانو،
ڪري آئين دردن جي ڪيڏي ڪمائي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇُپ کي شور ڇَري ويو ڇپ ۾،
هــڪڙو دور مَري ويو ڇُپ ۾.

ڳــوڙهــو ڳـل اورانگهي آيــو،
سانوڻ زور ٽــري ويو ڇُپ ۾.

عشق نگر جـــي پـــار ڪان ترڄي،
من جـــو مور مَري ويـــو ڇُپ ۾.

هــڪـــڙو شعلي جهـــڙو شـــاعـــر،
ڏِيئن ساڻ ٻــري ويــو ڇُـــپ ۾.

هڪ مَجوسي هن جي ويڙهي،
ٻَرفن جيئن ڳري ويو ڇُپ ۾.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنگينين سان رڪيئي ناتو، وچي وٽڪار سان پرتينءَ،
وطن وِڪٽي ڪباڙيءَ ۾، پرانهين پار سان پرتينءَ!

اسان جو پيار اُجلي بي رخيءَ جي دَست بن ۾ ، ءَ-
عجب اڳتي وڌڻ جي شوق جهڙي چار سان پرتينءَ!

پڇي تي 'سنڌالاجي'، هوءَ پرين جهڙي وئي ڪاڏي؟
ٻڌايان چا ته تي دنيا، وچي وهنوار سان پرتينءَ!

ڇڇي توڪان اڪيون هڪ پل سُتيون ناهن، الائي چو!
الائي چو، نه منهنجي دل، نه پنهنجي پيار سان پرتينءَ!

وري جي ڪنهن جنم ۾ تون ملين مون سان، ته واعدو ڪر،
ائين پنهنجو ڪندينءَ، جئن هن جنم انڪار سان پرتينءَ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي ڏيانيءَ جي ڏِيان ۾ ڦڙڪيا،
غم ڪبوتر مڪانَ ۾ ڦڙڪيا.

ڪجھ ٻُڙن سان ڪِريا زمينن تي،
ڪجھ ڀڳا- آسمان ۾ ڦڙڪيا.

خامَ خياليون، قصا جوانيءَ جا!
خوب پوڙها دڪان ۾ ڦڙڪيا!

جي ڪُڪڙ مَيل مان ڀڄي نڪتا،
ســي مُلــي جــي اذان ۾ ڦــڙڪيا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت جا ڪانِڪي سيئي احساس،
هڪ پريءَ جي امانَ ۾ ڦٽڪيا.

پوپٽن ڪان رنگين ڪجهه لمحا،
منهنجي بي رنگ جهانَ ۾ ڦٽڪيا!

رَت هو روشنيءَ جي لاٽن ۾،
ڪجهه پتنگ شمعدان ۾ ڦٽڪيا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غم بہ ناهي، خوشي بہ ناهي پر،
ان جو حل خودڪشي بہ ناهي پر.

پـــي تہ سگهجن پيا نِياڻ نيڻن جا،
ايتــري تــشــنــگي بہ نــاهــي پــر.

ڪجهہ بظاهر ڪتل بہ ڪونهي ڪو،
زنــدگــي، زنــدگــي بہ نــاهــي پــر.

تــو کي منــتون ڪــري بہ مــوتيان،
هــيءَ تہ تنهنجي ڪمي بہ نــاهــي پر.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ تہ نيڻن ڪي پڻ سبب گھرجي،
شــامِ غمہ شبنمي بہ نــاھــي پــر.

دل جا آھــن حساب لک تــو سان،
دل جــي تو بــن سَري بہ ناھي پر.

چندَ سان دوستيءَ جي دعويٰ آ،
ڪجھ ڪٿا روشني بہ ناھي پر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻَتيءَ جو سوجهرو تورو بہ ناهي،
ٽَٽِڻ اونده جو پر سولو بہ ناهي.

مونکي وچڻو آ ڪافي دور تائين،
پٺيان لشڪر، اڳيان رستو بہ ناهي!

رڳن ڪي ڏس تہ ڦاٽڻ کي ڇُهن ٿيون،
اکين کي ڏس تہ هڪ ڳوڙهو بہ ناهي!

گھٽي ’زِگ زيگ‘ آ هِن جي ڪهاڻي-
هي دنيا صرف هڪ گولو بہ ناهي!

-

چيو مِنبر تي هڪ خون خوار مُلي:
”جهادين کان سوا چارو بہ ناهي!“

ڪتان تي اوچتو، ”الله اڪبر-“
نمازين جو بچيو پاڇو بہ ناهي!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇندا رت جا ها مسجد جي پٽين تي،
مليل عضوي سان ڪو عضوو به ناهي!

انهيءَ جو پُٽ به حملي ۾ مري ويو،
ڇيو هو جنهن، ”مُلو، ڪوڙو به ناهي!“

مِنبر خود خون ۾ لت پت ڏِٺو تي،
خدا جي خوف جو خطبو به ناهي!

خدا جا هي سچا، معصوم ٻانهَا!
بچيو جن جو بدن ٽڪرو به ناهي!

رڳو ايمبولنسون، بارود، دُونهون،
گلين ۾ هاڻ ڪو رونشو به ناهي!

نمازي جنتي ها- يا جهادي؟
اهو مسجد ڪڏهن سوچيو به ناهي!

’زِگ زَيگ‘: ور وڪڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيت لکبا رهيا حجابن تي،
ماڪ رئندي رهي گلابن تي.

ويو وطن وَر چڙهي لٽيرن جي،
پر ڪوي خوش هيا خطابن تي.

ڪاٻه سرحد نہ پيار روڪيندي،
ڪو ٻہ زنجير پيو نہ خوابن تي.

ايترو اوڄ هو جهالت جو،
ڏوڙ وسندي رهي ڪتابن تي.

ويا کپي سنڌ تنهنجا ساجهہ ونڊ،
عورتن تي تہ ڪي شرابن تي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ خدا، هڪ رسول، هڪڙي سنڌ!
باقي سڀ ڪجهه فضول- هڪڙي سنڌ!

توکي تنهنجي خدائي بخش هجي،
مون کي منهنجي قبول، هڪڙي سنڌ!

تنهنجو نقشو ئي رب تراشيو آ،
تون ازل جو اصول، هڪڙي سنڌ!

لشڪرن کي به تو ڀڄايو آ،
تي نه هرگز مَلول، هڪڙي سنڌ!

ڏندڪٿائن جي اپسرا جهڙي،
ديوتائن جو قُول- هڪڙي سنڌ!

ويد ڪنهن تي لٿا، نبي ڪنهن تي،
سنڌين تي نزول- هڪڙي سنڌ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر شخص جي هٿ ۾ پٿر آ، هي شهر آ، پاڳل خانو آ،
هڪ لشڪر آهِ جهالت جو، ۽ عقل تہ جڻ افسانو آ.

سوچي بہ نہ پيو، سمجهي بہ نہ پيو، ڳولي بہ نہ پيو سچ آهي ڇا،
هڪ انڌي جو ايمان هيو، هي جڳ ناهي، تهہ خانو آ.

دل ريل جي پٽڙيءَ تي رکجي، ۽ چئجي عشق بچائيندو!
جنهن جنهن بہ محبت ڪئي آهي، سو بلڪل ئي ديوانو آ.

مون ڪالهہ ٻڌو هو ٻيلي ۾، ڪجهہ ڦوٽهڙن پئي ڇهونڪاريو،
هڪ ڪوئل بلڪل مست هئي، ۽ مُند تہ جڻ مئخانو آ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڳ سان جهيڙي جهيڙي موتيا منهنجا نيڻ،
ڪجهه ويرانيون مَيڙي، موتيا منهنجا نيڻ.

ڌرتيءَ کي گلزار ڪرڻ جي خواهش ۾،
پنهنجو اندر کيڙي، موتيا منهنجا نيڻ.

ٿڪن سان ويا وِهنجڻ هن جي ويڙهي ۾،
غم جو نلڪو گيڙي، موتيا منهنجا نيڻ.

وِڪري ويا هئا پُورا بادل يادن جا،
سانوڻ ڇا ته سَهيڙي موتيا منهنجا نيڻ.

رڻ ۾ ڪهڙي منزل، تنهنجو ڪهڙو پيار!
ٻي جا پند پکيڙي موتيا منهنجا نيڻ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪوئي غم، نہ ڪنهن شيءِ جي ڪمي هئي،
اکين جي رُت چَري، تہ بہ شبنمي هئي.

خمـاريـل گـوٺ، پـوئين پهـر ڏاري،
نشيلي مـاڪ جـي چـوڏس نمي هئي.

هَلاهل چئو، چَريائـپ چئو، خلل چئو،
چون ٿـا عشق جنهن کـي، زندگي هئي.

گـٺـائـي پـئـي سيـن جـاگير پنهنجي،
اسان چا چئون، اسان وٽ شاعري هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ لڳو ٿي ڇڙسي رات پهاڙن ٿي،
پاڻ بہ پياسين ترسي رات پهاڙن ٿي.

خوب خدائيءَ ٿي هٿا کيپ ٺري جهڙا،
چانڊوڪي مَڏ برسي رات پهاڙن ٿي.

مور ٿهوڪيو، سَڏ ٻڌوسين 'سڏوَنت' جو،
'سارنگا' جي سَرسي رات پهاڙن ٿي.

جيءَ جي لاءِ جڙي ٻوٽي هو تنهنجو پيار،
ان جي ڪئي سين ورسي رات پهاڙن ٿي.

ڏينهن جي گدلاڻ، نہ ڳٽتي دنيا جي،
تِر بہ نہ ڪا شيءِ ترسي رات پهاڙن ٿي.

ڪارونجهر خود مندر، خود پڳوان لڳو،
ٻوند جڏهن پئي برسي رات پهاڙن ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇُپ تہ واريءَ جي گهر جيان آهي،
لهر آواز جي ..... ڏاهي وجهندس!

هُو جو آئينو ٽيڙ سڪيو آهي،
ڳالهہ هڪ راز جي ڏاهي وجهندس!

ٽورڙو سمجهہ کي رسي تہ ڏياچ،
تندُ هڪ ساز جي ڏاهي وجهندس!

دل جو ڪمزور آهي آڪيرو،
جهرڙپ شهباز جي ڏاهي وجهندس!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ُرت بدلي، تو رخ بدلايو، مَهڪي ڪيئن سَرينهُن،
رات اسان تي اُلري آئي، ڏمري آيو ڏينهُن!

هيڀَ نديءَ جي ڌار، انهيءَ تي ناو، مُهاڻو، گيت،
سُڏڪي پيو سنسار اسان جو، ساري ڪنهن جو نينهُن!

وڌندا ويندا رنج ۽ گهٽبو گهٽبو ويندو پيار،
پل پل گڏجي صديون ٿهندا، ڦٽو ڦٽو ٿي مِينهُن!

ڪهڙي جوڳيءَ بين وڄائي، جهُومي پيو ڪل جهنگ،
سڀ تي سُر جا ڪيپ چڙهي ويا، ڇا هرڻي، ڇا شينهُن!

پاڻ ۽ آهيون ڪيٿ، مُحبت! جهارِ جيان پل ڪاءُ،
لابارو ڪر، ڳاهم اسان کي، پلي اسان کي پِينهُن!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رستن منجهہ گلاب چٽيل هئا- ڪِهڙي رُت آ!
رستا پاڻ گلاب ٻٽيل هئا- ڪهڙي رُت آ!

هيٺ پهاڙي نئن تي ڪنهن جو گهوڙو هڻڪيو؟
ٽڪريءَ تي مهتاب ڪڙيل هئا- ڪهڙي رُت آ!

تنهنجو نالو ايندي ئي چو هِير چڙي پئي؟
مَهڪارن جا مُنهن ٻہ ڦريل هئا- ڪهڙي رُت آ.

تنهنجي ياد بغاوت ڪئي هئي، منهنجيءَ دل سان،
تارا چنڊ مٿان مَچريل هئا- ڪهڙي رت آ.

عشق درندي آڏو انگ انگ اڪڙيو پيو هو،
دل جا سڀ ڏاڳا اڏڙيل هئا- ڪهڙي رُت آ.

ايئن ٻہ وڃبو آهي- هر شيءِ مَيڙي وڃجي!
وڪ وڪ ويرانا پڪڙيل هئا- ڪهڙي رُت آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنڌ دل جو ڪٽي تہ ڪٽڻو هو،
ٿار هو، بار تي تہ ٿٽڻو هو!

مونکي مرڻو هو تنهنجي ياڪر ۾،
مونکي تنهنجي مٿيءَ مان ڦٽڻو هو!

هن ائين ئي ڏٺو پئي تارن کي،
هن کي اڪ ساڻ چنڊ ڇُٽڻو هو!

مونکي توکي تہ ڪجهہ نہ چوڻو هو،
پنهنجي دل کي ئي پاڻ گهٽڻو هو!

تنهنجي غم جو غلام هڪ شاعر،
نيٺ ان بند مان بہ ڇُٽڻو هو!

نانگ وڻ تان ڪليو پئي ٻُوڪن تي،
جن کي لِيڪو ئي صرف ڪٽڻو هو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ شعر

ڪارونجهر ڪان ٽورو اڳتي، هڪ شرميلو ڳانءُ اچي ٿو
پر نہ ان جو نانءُ اچي ٿو!
موُر اڏاڻو، چِرڪي وينگس، هٿ مِہ منهنجو هانءُ اچي ٿو
پر نہ ان جو نانءُ اچي ٿو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين جي نئين سجاڳپ تي اکين سان،
اڏامن ٿا پهر گڏجي پکين سان.

”هي سِر ميهار تان گهوريو تہ ٿورو“
کِلي پئي ڳالهہ ڪئي سُهڻيءَ سکين سان.

شروع ٿي وئي وري سُس پس ٻنين ۾،
وري نڪتيون جوانيون جو دکين سان.

ٻڌو هن کي نہ ٿي پنهنجي ئي ٻارن،
ڳالهايو پئي پوڙهي مَکين سان.

ازل جو تڪ پيرن ۾ ستل آ،
صدين جي ننڊ تي جاڳي اکين سان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکرن ۾ ڪيئون تڪاڻا سپ،
عشق وارا تہ هئا اياڻا سپ.

مون نوَن دشمنن جي ڳولا ڪئي،
دوست ملندا ويا پراڻا سپ.

ڪِين دل جي فريب ۾ آيا،
شهر وارا هيا سياڻا سپ.

ڪاڪِ تي خاڪ تي وسئي مومل!
دربدر، دربدر ٿئي راڻا سپ.

هر ادا حسن جي آ پيشي وَر،
ناتڪي ناز، ڪوڙ ماڻا سپ.

ڏئي چڏيان ڪل جهان کي تيلي،
چا ڪبو پيار جي پڄاڻا- سپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل تي ويهين، اکين تي، سيني تي،
هــي تہ آهــن سندءِ وچــاڻــا ســـب.

دل چتي دل لڳي گهــري تي، پر
شهــر ۾ نيــڻ هئا نماڻا ســب.

رِيــت آين نہ راس نگــريءَ جي،
نيٽ هڪ هڪ ڪري، اڏاڻا ســب.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدلجي ويا جذّهن معيار وحشت جا،
درندن ۾ قبيلا ڪجهه نوان آيا!

نہ آهيڙن، نڪو واڳهن ئي چرڪايا،
هرڻ ٻن ۾ هنيلا ڪجهه نوان آيا!

نشن جا سپ نسل جو ڍير ٿيندا ويا،
تہ نيٽن مان نشيلا ڪجهه نوان آيا!

رُسي وئين تون تہ ٽِن ٽِن تي چِٽي دنيا،
سرءُ تي اوج پيلا ڪجهه نوان آيا!

بدن تنهنجي وسيلي ذائقا جڳ ۾،
سَجيلا ۽ رَسيلا ڪجهه نوان آيا!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڪرن جو ڏنڻ پربت تي،
اُلريو سانوڻ پربت تي.

اندلت ايري، چڻ آيو-
هوليءَ جو ڏنڻ پربت تي.

هڪ الهڙ جو ياد اچڻ-
مَن جو پرجڻ- پربت تي.

مون وانگر هن دنيا ۾-
تنها ڪو وڻ پربت تي.

ڇمڪي هڪڙيءَ ڇير ڪيو،
ڪارو ڪامڻ پربت تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ياد دري تي پئي،
دل 'ڪوهه مري' تي پئي!

ڪهڙي نہ بري دنيا،
ڪهڙي نہ يلي تي پئي!

هن سان جو ملي خوشبو،
بلڪل ئي چري تي پئي!

جوين تي رسي وينگس،
جادوءَ جي ڇڙي تي پئي!

آئـي تہ هئي عـورت،
مـوتي تہ پـري تي پئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ مُرڪ ڏڪارن ۾،
پاڻيءَ جي ڪلِي ٽي پئي!

هڪ رات ملڻ ماڻـــي،
ســرسبــز ٻڻــي ٽـــي پئي!

ياڪر جي ندي ملندي،
هــر ترٽپ مَڇي ٽـــي پئي!

(وفا ناٿن شاهيءَ لاءِ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جُگنوئن جي نسل ڪشي تي

آ
جُگنوئن جي نسل ڪشي تي
اگ ۾ ايڏي ڪتي هئي اونداهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعري- معنيٰ تون،
زندگي- معنيٰ تون!

خامشي- معنيٰ تون،
ڳالهڙي- معنيٰ تون!

ُرت سرءُ- معنيٰ تون،
ُرت ٽِڙي- معنيٰ تون!

خودڪشي- معنيٰ تون،
خود خوشي- معنيٰ تون!

ڪاچڙو- معنيٰ تون،
مَيگهڙي- معنيٰ تون!

هڪ مَجي- معنيٰ مان،
هڪ ڪُندي- معنيٰ تون!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راتڙي- معنيٰ تون،
هَٽ بتي- معنيٰ تون!

هڪ نگر- معنيٰ مان،
هڪ ندي- معنيٰ تون!

بَرف بن- معنيٰ تون،
باهڙي- معنيٰ تون!

بارشون- معنيٰ تون،
۽ ڇٽي- معنيٰ تون!

۽ وري- معنيٰ تون،
۽ وري- معنيٰ تون!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راتڙي- معنيٰ تون،
هَٿ بتي- معنيٰ تون!

هڪ نگر- معنيٰ مان،
هڪ ندي- معنيٰ تون!

بَرف بن- معنيٰ تون،
باهڙي- معنيٰ تون!

بارشون- معنيٰ تون،
۽ ڇٽي- معنيٰ تون!

۽ وري- معنيٰ تون،
۽ وري- معنيٰ تون!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مور نگر تي ويٺهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□ سندھ دے اجوکے ادب وچ اسحاق سمیجو ہک بھاگوند شاعر ہے۔اوندی شاعری عمومی رومان تے تجرید توں اگوں نہی سندھ دی نویں جیوت کاری دا بھانگا ہے۔اوندا کلام مہران دی مٹی نال گنڈھل ہے، پر پورے جہان دے آدر وچوں لنگھدے۔اوندی لکھت دا نیلوفر جگ دے سانجھے اسمان دا استعارہ ہے۔اوہ سندھ دی قدیم تہذیب تے تاریخ کوں کہیں عجائب گھر توں باہر حیاتی دی روز ݙہاڑی وَہیند وچوں ݙیدھے۔اوندی شاعری وچ موہن جو دڑو دا ݙاند نویں ݙیہناں دی زراعت کریندا ݙسدے۔اوندا محبت دا کلام سماجی کاٹھ تیں مثبت کاری کریندے۔اوہ بہوں نازک احساس کوں وی وطن دے نقشے وانگوں قائم کر گھِندے۔اوہ دھیان کوں جتھ ݙیندے تے ایں جتھے وچ روح ٹِمکدی ہے۔شاعری وچ اپݨے رومان توں بچݨ اوکھا کم ہے۔اسحاق سمیجو اِپݨے ذاتی تے سندھ دھرتی دے رومان کوں جیوݨ دی ہک نویں گواہی تئیں گھن آندے، جتھاں ہک نویں شعری دلیل جنم گھِندی ہے۔ایں شاعر دے کلام وچ ایہا اجوکی شعری دلیل ہے جیڑھی اوندی تے اوندے وطن دی بھاگوندی ہے۔

رفعت عباس ملتان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گُل ڦُٽو جو ڪونڌيءَ ۾
تنهن کي کِهڙي ڪَل،
تہ ڏرتي ڇا ٿيندي آ!

بادل ڇاتو راز اهو
جڏهن ڪَيئين جَل ٿَل،
تہ ڏرتي ڇا ٿيندي آ!

ننڍڙو ٻج ٻڌائيندو
ڦوٽهڙي جا ڦَل،
تہ ڏرتي ڇا ٿيندي آ!

هِير ڀنيرڪي جي ٻُٽڪيو
مهڪِي، ماڪ - مهل،
تہ ڏرتي ڇا ٿيندي آ!

پڇ نہ ڪڏهن پرديسن کان
ڏس نہ انهن جا ڳَل-
تہ ڏرتي ڇا ٿيندي آ!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي ماءُ ٻڌاءِ
ڇا ڪو منهنجي حال جو!

ڇيري ڇندن ڪاٺ جئن
هِردي کي هڪ راءِ-
مون کي ماءُ ٻڌاءِ
ڇا ڪو منهنجي حال جو!

اُوچو سُور پهاڙ کان
جيءَ ۾ نـاهي جـاءِ
مون کي ماءُ ٻڌاءِ
ڇا ڪو منهنجي حال جو!

ايڏي ننڍڙي زندگي
هيڏي اذيت، هاءِ!
مون کي ماءُ ٻڌاءِ
ڇا ڪو منهنجي حال جو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيڙ نـتـي پـريـائـجـي
ســاهہُ نــتو سُک پاءِ
مون کي ماءُ ٻڌاءِ
حل ڪو منهنجي حالَ جو!

ڇا ڇا رک ڪندي اڃا،
محـبـت کـي سمجهـاءِ
مون کي ماءُ ٻڌاءِ
حل ڪو منهنجي حالَ جو!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئي چَنڊ چڪيا چڙهيا
سَهسين سج ڪتا-
تون پر ڇُپ پهاڙ جيان!
دودا تنهنجي ديس جا
مارو هيل مُتا-
تون پر ڇُپ پهاڙ جيان!
ڀاڳ ڀي تنهنجيءَ ڀونءِ ڪان
راڻا! نيٺ رُٺا-
تون پر ڇُپ پهاڙ جيان!
ڳجرا نيڻ ڀري ڀري
ريتو رت رُنا-
تون پر ڇُپ پهاڙ جيان!
سُور چِني تو سنڌ جا
ڪٽندي ٻار پُٺا-
تون پر ڇُپ پهاڙ جيان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي جي ڌرتيءَ ڏڳ،
ويري هر واسينگ جا!

نينهن- وتا هي نيٽڙا
لاک-رتا هي لڱ،
هي جي ڌرتيءَ ڏڳ،
ويري هر واسينگ جا!

پير، وڏيرا، مولوي
مڇريل ڏاندن- سڱ،
هي جي ڌرتيءَ ڏڳ،
ويري هر واسينگ جا!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي مَهڪايو
نينهن اوهان جي نازبو!
جسم تہ پنهنجيءَ جاءِ تي
سَرڪنڊ ٿيو سايو-
مونکي مَهڪايو
نينهن اوهان جي نازبو!
”ساجن سَر سُرهاڻ جو!“
رابيلن رايو-
مونکي مَهڪايو
نينهن اوهان جي نازبو!
باغ لتاڙي يُونءِ جا
ڀئونري ڀئي ڳايو:
”مونکي مهڪايو
نينهن اوهان جي نازبو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

☐ اسحاق جي شاعري، مياڻ مان نڪري، اُگهاڙي تلوار جو اِستعارو بنجي چُڪي آهي- جنهن کي هي هوا ۾ هلائڻ بجاءِ هميشہ سَنڌائتي جاءِ تي وار ڪري، سجايو ڪرڻ چاهي ٿو.

هي شاعريءَ جي زمين ۾ حيرتن سان گڏ سوال پوکي رهيو آهي، جن جي جوابن کي هُو، پنهنجي جوابن کان الڳ ۽ غير متوقع ڏسڻ ٿو چاهي!

اسحاق جي شاعريءَ ۾ جرڪندڙ جُگنو، محبتن ۽ احساسن جا نوان ذائقا، جُدائيءَ ۾ جوڙيل لُڙڪن جي ندين سان گڏ رڻ جو پنڌ بہ آهي، جنهن کي هڪ ديوانگي ئي پار ڪري سگهي ٿي! منهنجي خيال ۾ ڪنهن بہ شاعر جي شاعريءَ جي حُسناڪي، ڏيٺين سان ڀريل رڻ کي پار ڪرڻ واري خواهش تي ٻڌل ديوانگيءَ کان مٿي ٿي بہ نٿي سگهي- اها ئي اسحاق جي شاعريءَ جي بہ انفراديت آهي، جنهن ۾ اهڙي ديوانگيءَ جا پيرا جابجا ملن ٿا ۽ جن کي ديوانگيءَ جي حد تائين پيار ڪندي سُٺو لڳندو آهي!

**علي دوست عاجز**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ’تون‘ هيس، تون ’مان‘ هُئين،
نيلوفرن جي ڍنڍ تي!

”پل پل چپن کي ياد پئين، آئين نہ چو- ڀرِ ڏنڊ سو!“
مُرڪيا ستارا اڀ ۾، سَئو سَئو چمين جي ڏنڊ تي!
مان ’تون‘ هيس، تون ’مان‘ هُئين،
نيلوفرن جي ڍنڍ تي!

”اڄ اڄ ورهاست ٿا ڪريون- سڀ تون ئي ڪڻ، مان تو ڪنيو!“
اک جو ڏئي، شرمائجي، ٿهه ٿهه ٽِڙين، ان ونڊ تي!
مان ’تون‘ هيس، تون ’مان‘ هُئين،
نيلوفرن جي ڍنڍ تي!

متيءَ جو ڪو نعم البدل، متي بہ منهنجي سنڌ جي-
تنهنجي بدن جو هي وطن، هوندو نہ هرگز چنڊ تي!
مان ’تون‘ هيس، تون ’مان‘ هُئين،
نيلوفرن جي ڍنڍ تي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديپ تہ ٻرندو ٽوري دير
باقي رات تہ دل ٻرندي!

هوش نہ رهندو خوشبوءِ کي
ٽِڙندو رستو، ڪِڇندو پير!
ديپ تہ ٻرندو ٽوري دير
باقي رات تہ دل ٻرندي!

ڏڙڪن ڏڙڪن خاڪ اُڏي
اکڙين ۾ اوندهہ جو ڏير!
ديپ تہ ٻرندو ٽوري دير
باقي رات تہ دل ٻرندي!

گونگا ڳوڙها حسرت جا
ڇُپ ڇُپ سِسڪيءَ جو انڌير!
ديپ تہ ٻرندو ٽوري دير
باقي رات تہ دل ٻرندي!




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوئي آخر دنيا جو،
بادل ڪهڙو ڪهڙو مَيرُ!
ڏيپ ته ٻرندو ٿوري دير
باقي رات ته دل ٻرندي!

پئسو مذهب تي ويندو،
ياد نه ايندو ڪنهن کي ڪيرُ!
ڏيپ ته ٻرندو ٿوري دير
باقي رات ته دل ٻرندي!

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي تون مليو آهين
اسان کي ڪجهه نٿو گهرجي!

مليو آهين تہ جنمن جي ملي آ زندگي گويا،
بَسنتي مُندَ رڳ رڳ ۾ پئي آهي ٽِڙي گويا،
اسان سان تون کِليو آهين-
اسان کي ڪجهه نٿو گهرجي!

جلي چندن جدائيءَ جو، اچي تي هجر کي هِڏڪي،
اچين ٿو ياد ڏڙڪن کي، پوي ڪجهه ساهہ ۾ اٽڪي،
تصوَر ۾ ٽليو آهين-
اسان کي ڪجهه نٿو گهرجي!

اکين کي آر سانوڻ جا، چپن کي اڄ جنمن جي،
رڳن ۾ رڻ رڙي بينو، بدن ۾ سُڄ جنمن جي،
نئون تي اٿليو آهين-
اسان کي ڪجهه نٿو گهرجي!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرَ سان گڏ پير ڪڻ، ٻانهن کي وجھ ٻانهن ۾!
درد کي بندوق هڻ، دل نہ ٻوڙج دانهن ۾!
زندگاني ڪجھ پلن جي آ ڪهاڻي، غم نہ ڪر!
جھُوم ٽورو، ڳاءِ ٽورو،
پيار ڪر، ماتم نہ ڪر!

زندگيءَ کي بار سمجھي، ڏوئجي ڇا لئہ ڀلا،
ڇا بہ ٿيو ۽ ڇو بہ ٿيو، پر روئجي ڇا لئہ ڀلا،
مورَ کي ڏس غور سان ۽ بي رنگيءَ کي ڌوڙ وجھہ،
دل نہ ماڻي چين جي، ان بندگيءَ کي ڌوڙ وجھہ،
ٽِڙ گلن سان، ڇڙ سُرن سان، رقص ڪر، پيو ڪم نہ ڪر!
جھُوم ٽورو، ڳاءِ ٽورو،
پيار ڪر، ماتم نہ ڪر!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي سگهي تو لهر ڪا اهڙي تي لوڙهي وڃي،
ڪنهن ڏکيءَ جي بد دعا دنيا سڄي ٻوڙي وڃي،
تي سگهي ٿو، هي سَيارو خاڪ تي وڪرڻ لڳي،
تي سگهي ٿو هي بَدن جو باغ ئي اُجڙڻ لڳي،
عشق کي ڀر ڀاڪرن ۾، نيڻ پنهنجا نم نہ ڪر!
جهوم ٿورو، ڳاءِ ٿورو،
پيار ڪر، ماتم نہ ڪر!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اي سنڌ امان!

تولاءِ جيئڻ جي خواهش آ، تولاءِ مرڻ تو چاهيان مان،
ان لاءِ، تہ ور ور صدقي ٿيان، سئو وار ورڻ تو چاهيان مان،
هي عشق بہ آهہ، عبادت ٻِي، پيو ڪجھ نہ ڪرڻ تو چاهيان مان،
اي سنڌ امان،
اي جند امان!

هي ديس انوکو دنيا ۾، ڪا مِٽي هيئن نہ مَهڪي ٿي،
جڻ ننڊ ۾ ٻالڪ مُرڪي پيو، جڻ لهر هوا تي لهڪي ٿي،
ڪا وينگس مرڪي ڇهري ڪي، پوٽيءَ سان ڍڪي جڻ لڄ وچان،
اي سنڌ امان،
اي جند امان!

سوَ فاتح گهوڙا ڊوڙائي، ويا موتي مَيرو هانءُ ڪٽي،
ڪنهن هرٽيءَ وانگر ڪرٽيءَ ڪي تو ٽاريو رب جو نانءُ ڪٽي،
ٿي پٽ تان تو لئہ دعا جيڪا، وئي اگهجي ازلي آيت جيان،
اي سنڌ امان،
اي جند امان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن نقشي کي تعويذ ڪري، مون پنهنجيءَ دل کي پاتو آ،
هر گوليءَ رت جي هوليءَ ۾، مون ”سنڌڙي سنڌڙي“ ڳاتو آ،
هي وِرد تہ تنهنجي نالي جو، ورثي ۾ مليو آ وڏڙن کان-
اي سنڌ امان،
اي جند امان!

ڪجهہ ڪانئر منهنجي ڪرڙم منجهان، تا سوچن تنهنجي سودي جو،
تي مَرقد تڙپي هوشوءَ جي ۽ رت ڪڙهي تو دودي جو،
نئين چيخ ٻڌي اڄ مڪليءَ جي، مان موتيو هان تاريخ وٽان!
اي سنڌ امان،
اي جند امان!

❁



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌوءَ جو ترانو

سنڌ بہ رهندي،
سنڌي رهندا،
سنڌو وهندو رهندو،
جُڳ جُڳ جيئندو رهندو!

او ڌرتي، او ماتا هي جي سنڌي چار ڪروڙ،
ڏيندا ڪيئن پوَڻ سنڌوءَ تي هاٿي ڪي بہ پنجوڙ،
شينهن ببر جيان، هيءُ هميشہ اڳتي وڌندو رهندو!
سنڌو وهندو رهندو!

سنڌڙي تنهنجي مٽيءَ جو مَٽ، ناهي سون، نہ چاندي،
دوزخ جهڙي دنيا ۾ تو مون لئہ جنت آندي،
منهنجو هرهڪ سجدو تنهنجن قدمن کي پيو چمندو!
سنڌو وهندو رهندو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجا سـج سـلامـي آهـن، تنهنجا چند فِدائي،
توکي ڪير مِٽائي سگھندو، تون آن سَچ- سُهائي
اوير اولهہ، اتر ڏکڻ، تنهنجو جهندو جھلندو!
سنڌو وهندو رهندو!

منهنجو ڪعبو، منهنجو قبلو، منهنجو ڪلمو تون آن،
منهنجي دنيا، منهنجي عقبيٰ، رب جو جلوو تون آن،
توکي مَيٽڻ جو سوچيندڙ خود ئي مِٽجي ويندو!
سنڌو وهندو رهندو!

لهندا چڙهندا سج هزارين، تون پر رهندينءَ ساڳي،
شال نہ اوکو ڏينهن ڏسين ڪو، مهلَ ڏسين نہ اياڳي،
مشعل ٻـٽجي تنهنجو نالو، جڳ ۾ ٻرندو رهندو!
سنڌو وهندو رهندو!

❁


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

☐ اسان وٽ الهه لڳي ڳالهه به "نيريٽو بلڊنگ" جي ذمري ۾ اچي ويندي آهي، پر معاملو هي آهي ته اسحاق سميجي، سنڌي شاعريءَ ۾ ساٺس اڳوٽي ٿيءَ جي سڪسيسر طور وراثت ۾ آيل "عام فهمي" ۽ "اظهار جي سادگي" کي وڏيڪ پُراثر چلڪي دار ۽ گهڻ-معنائون بڻايو آهي. هُن جي مزاج جي نرالائي، سنڌس شاعريءَ جي ترنم کي نئين ٽريٽمينٽ ذريعي ٻئي انداز سان ڇُلڪايو آهي.. هن جي رائم اسڪيم، ووڪيبلري ۽ رڌم ۾ زبردست رِليونسي آهي.

اسحاق هڪڙي خاص حد تائين، رورل سِڪنيس ۽ علاقائي اثر مان نڪري، هڪڙي نئين وسعت ڪٽي آيو آهي، پر ان لاءِ هن وٽ لنگئِسٽڪ ٽولس پنهنجا آهن. کيس هڪ زبردست تنقيدي ۽ جائزاتي شعور آهي، ان ڪري هو ورجاءُ سطحيت ۽ نقاليءَ کان بچيل آهي.

هُن شاعريءَ جي جنهن به صنف کي ڇهيو آهي، ان ۾ دلڪشي پرجي وئي آهي، غزل ۾ ته هن واهه واهه ڪري ڇڏي آهي.

**اقبال رند**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هيءَ دنيا!

گمنام اسين گهبرايون تا
بدنام شهر جي رستن تي،
۽ تنهنجو ڪوبہ پتو ڪونهي
بي نام شهر جي رستن تي!

تي هوريان هوريان رات ٻري
سنسان گهٽين جي بلبن ۾،
تي پيڙ وڌي مئخانن تي
بي چين جوانيون ڪلبن ۾!

هُو موتن تا مزدور مُئل
جن دونهون پيتو چمنين جو،
جن ڪاٽيو ڏينهن هتوڙن سان
جن ڪاڏو گوڙ مشينن جو!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُـو سـامهون هـوٽل ’لالي‘ جـي
آ ننڍڙو ڳـوٺ فقيـرن جـو،
پر ڪجھ ٻہ ٻگاڙي ڪونہ سگھي
هـن زنـده ديـس ضميرن جـو!

فـٽ پـاٿ پريل آ ٻـارن سـان
جي سپنا مَيـڙن ڍيـرن تـان،
جـن مـاءُ ڏٺـي آ فـلـمـن ۾
جـن پـيءُ ٻـڌو آ مـاڻهن ڪان!

ڪنهن ذڪر ڪيو پٺي رنڍيءَ جو
ڪا عورت گذري رڪشا ۾،
ڪجھ گل ڪري پيا هار منجهان
پر يڪشو گم هئا شڪشا ۾.

هـيءَ دنيا پـاڻ ڪـهـاڻـي آ
يـا ميلـو آهہ ڪـهـاڻـيـن جـو،
جـت لـٽـجـي ويـو آ هـر راڻـو
مُنهن پيلـو آهـي راڻيـن جـو!

## اسڪول

نند پيو آ ڪتاب ۾ پوپٽ
رنگ ويو آ پکڙجي ورقن تي
پارڙا ٻئي صفحي تي ڪيڏن ٿا!

ڪنهن ٻه اسڪول جو سبق ناهي
جنهن ۾ استاد کو پڙهائي ها!
ورق هڪڙي تي هڪڙي پٽ آهي
۽ وري ٻئي پني تي 'صابو' آ!
ڪا خبر ناهه پيارو صابو نيٺ
هار چوٽو 'ڏني' ڪي پارائي!

هڪ سبق منجهه هڪڙو ظالم آ
جيڪو مارڻ گهري ٿو طوطي کي
هيءُ ظالم آ، هيءُ نه آ استاد
پوءِ استاد ڪيئن ٿيندو آ؟!!
سوتہ اسڪول هن ڏنو ناهي!
لفظ بي تاب گفتگوءَ جي لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارٽ ديوار تي ٽا ٻُڻ ٻُڻ ڪن
چار اٺندو رهي ٽو ڪوريئڙو!
چاڪ ٽيبل جي مٿئين خاني ۾
گڏ رکيل آهه نِيري ڊَسٽر سان
بورڊ چاپڙ لڳو آ ڪيرائڻ
ڀِڇ چُپ چاپ ٽا لنگهي جاٽڻ!

ڏوڙ بينچن تي آهي آرامي
گهوررڙيو ڪو نٽو اچي هاٽي
گِهنڊُ خاموش ڀير ۾ لڙڪي
زندگي دور پئي ڪٽي ڏڙڪي!

ڪاٻ خوشبو نٽي نچي هاٽي
ڏينهن راجا نہ رات جي راٽي!
خوف چاٽي چڏيو آ باغيچو-
صحن ۾ سُڄ جو آ غاليچو!
ميز هيٺان پيو مُسڪرائي رُول،
سال ٽيا، بند تي ويو اسڪول!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سَمرتي

راتِ سجي هئي بستر ۾
’پالوءَ‘ وانگر نرم نرم،
صبح سويري ٽيبل تي
’ڪافيءَ‘ وانگر گرم گرم.

وياسين پئي اسڪول طرف
بيٺي هئي هوءَ رستي ۾،
گم ٿي جهڙو ’ڇومنتر‘
پر پو نڪتي ’بستي‘ ۾.

ڇڪيان ته پانيان بلڪل آ
ڪتمنڙي جيان ڪتي مٺي،
پڙهان ته منهنجي ڪاپين تي
لکي پئي آ چٽي پٽي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گدلا چنڊ

هي قاتل ڪپڙا، مُنهن مَيرا
هي نِيل ڪنول چِڙ نالُين جا،
هي گدلا چنڊ نصيبن جا
جي سڏجن ڇورا ٻالُين جا.

هي گندا ۽ بدبُوءِ ڀريل
هي ڪوجها، ايرا، هڙٻاٽيون،
هر روز جهنگن مان ميڙن ٿا
پنهنجيءَ چِتا جي لئہ ڪاٺيون.

بي نُور جهانن پاليا هن
بي رنگ زمانن ڀريايا،
هي فطرت جا ناجائز پُٽ
گمنام خدا جا همسايا!

هي چنڊ، ڪِرڻن جي ڳترن ۾
هي تارا ماريل گردش جا،
هي ساوا صحرا خواهش جا
ڇاڇوليل ساگر لرزش جا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي خواب لهن رانديڪن جا
۽ ڪيڏن راتيون تارن سان،
تو موت به جنهن سان رِس ڪري
سا ننڊ سمهن فوٽ پاڻن سان.

هي دوست شهر جي ڪتن جا
۽ ويري ڪـل سپاهين جـا،
هـي پلجن باسي ٽڪرن تي
۽ سـوچن سپنا محلـن جـا.

هـي تهذيبن تـي داغ سهي
پـر آهن هـي معصوم خدا،
هي ٺڪرايل، هـي اڇلايل
هـي چيپاٽيل، مغموم سدا.

تون، مان ته رهون ٿا جنت ۾
هـي دوزخ چوڙن پـائـن ٿـا،
چُـپ چاپ مَـرن ٿـا ڏيـرن تي
تـاريخ سڄي شـرمـائـن ٿـا!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گدلا چنڊ_2

اسين خود خواب آهيون، پر ڪِرِيا ناهيون،
هزارين ٿهڳ دل ۾، پر ٿِڙيا ناهيون،
حياتي هڪ ٽنولي، پر ڇڙيا ناهيون،
اسين آهيون ٽٽل تارا، ڏِسي ڪوئي!
اسين آهيون ڦِٽل چارا، ڏِسي ڪوئي!
اسين ٻُورا ٻہ چڻ ڪارا، ڏِسي ڪوئي!

عمر جو نور ٿو لٽجي، انڌيرن ۾،
حياتي ڳولجي ڪچري جي ڍيرن ۾،
نہ خواهش دل ۾ ۽ چَپل نہ پيرن ۾،
اسين بي نانءُ سيَارہ، ڏِسي ڪوئي!
اسين جنمن کان آوارہ، ڏِسي ڪوئي!
اسين ٻُورا ٻہ چڻ ڪارا، ڏِسي ڪوئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دل کي هدايت

متان ڪنيجي وچين اي دل،
نہ ايـڏي انقلابـي تـي!

مزا وٺ زندگيءَ جا، ناچ ڪر، مَڌ پي سچيون راتيون
ڇڏي ڏي پاٻلن وانگر ڪرڻ ڳالهيون تہ آزاديون
ڪپن ٿيون روشنيءَ رل مل
نہ 'قرت العين' بابي ٿي!
متان ڪنيجي وچين اي دل، نہ ايڏي انقلابي ٿي!

تون ڪن بخمل هٿن جي ياد ۾ جاڳين، نہ جاڳائين
رڳو هي سُک قتل تنهنجو تہ ڪئن دنيا کي بدلائين
جـا پالي تـڙپ ٿئي قاتل
اها پو ڪنهن جي لابي ٿي!
متان ڪنيجي وچين اي دل، نہ ايڏي انقلابي ٿي!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڳو نعرا، رڳو جهنڊا، رڳــو دردن سان دل تنهنجي
اها ڪا زندگي آهي، حياتي ڪـر ڪا ’ڇل‘ پنهنجي
اچي ڏس جام جي ڇهل مل
شديدي ڪجهه شرابي ٿي!
متان ڪنيجي وجين اي دل، نـہ ايڏي انقلابي ٿي!

نـہ خوشبوءِ واءَ جي واسَئي، نـہ چانڊوڪـي وٽي توڪي
جواني ڇيڙخانيءَ لئہ نٿي هرگز ڪٽي توڪي
اجايـو ٿي نـہ ايئن پـاڳل
گلابن ســان گلابي ٿي!
متان ڪنيجي وجين اي دل، نـہ ايڏي انقلابي ٿي!

قرت العين طاهره: ايران جي خوبصورت شاعره، جيڪا حضرت باب جي پوئلڳ هئي ۽ بهائي فرقي سان وابستگيءَ سبب بيدرديءَ سان قتل ڪئي وئي هئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تاريخ

قديمي ڳوٺ کان ٻاهر
قِتل هڪ ڪوهه جي ڀر ۾
ٽٽل مسجد جي پويان ئي
پراڻا ڪجهه قبا آهن-

ڀُري ٽيل ڀور ڪجهه قبرون
ڪلر کاڌا قِتل ڪتبا
وڏا پٿر پيل تن تي
انوکي تن تي گلڪاري
مِٽي فنڪار تي ويا سڀ
مِٽي تن جي نه فنڪاري!

الائي ڪير ماڻهو هُئا
الائي دور ڪهڙي جا
نڪو تاريخ ۾ نالو
نڪو مشهور ڪي قصا!
فقط قبرون سُتل آهن!
نصيبن جيئن مُٺل آهن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ

ايازا!
جا سنڌ تو ڀڏائي
اها تہ آهي خيال ھڪڙو!
اها تہ ڪائي پري قصي جي
اها تہ شايد مثال ھڪڙو
اها تہ شاعر جو ڪرشمو آ،
اها تہ تنهنجو ڪمال ھڪڙو!

عظيم سنڌ جا عظيم شاعر!
اسان تہ سنڌڙي پڙهي ٻہ تو وٽ
اسان تہ ماڪيءَ جي لار جهڙي
متي وطن جي چڪي ٻہ تو وٽ
اسان ڏٺو هو تہ تنهنجي نظمن
ڪمال سهڻو وطن تراشيو
خيال جهڙو ۽ خواب جهڙو
مثال جهڙو وطن تراشيو
تصورن کان گهڻو مٿانهون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ديومالا کي مات ڏيندڙ
ويو تہ ڪاڏي، هيو تہ ڪاٿي؟
جي لٽجي ويو آ تہ ڪنهن لٽيو آ،
جي آ سلامت، رهي تو ڪاٿي؟

هتي تہ آهي مِٽي مٽن ۾
هتي تہ بدحال حال هڪڙو،
گهٽي گهٽي تي نصيب روئي
نگر نگر ۾ دجال هڪڙو
اسان تہ سڪٽي ڏٺي تباهي
اسان تہ پاتو زوال هڪڙو!
اياز!
جا سنڌ تو بڌائي
اها تہ آهي خيال هڪڙو!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قلندر لال سيوهاڻي!

قلندر تنهنجي روضي مان
وهي تو رت جو دريا
اهو دريا- ٽپي سگهندين؟
قلندر تون ڏسين ويٺو
بدن ٽڪرا پيا آهن
مچين وانگر پيون ڦٿڪن
ڪٿي ٻانهون، ڪٿي آهُون
ڪٿي دانهون پيون ٽڙپن
رُڙئن ٿيون تنهنجون ديوارون
ڪٺا هن تنهنجا پانڌيئڙا!
اهي تنهنجا سچا عاشق
اهي سرمست
مستو مست
”جهُولي لال سيوهڻ جو...“
چوڻ وارا
ڌمالن تي نچڻ وارا
نچي ٻوٽيون ٽيڻ وارا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڳو تولئہ جيئڻ وارا
رڳو تو لئہ مرڻ وارا-
مري ويا تنهنجي روضي ۾
بدن ٽڪرا ڪري موتيا-
ڏنئي يا نہ؟!
ٻڌئي يا نہ؟
نئون اسلام آيو آ
۽ آهي خون جو پياسو!
انهيءَ اسلام جو داعي
ڪٽي سامان نفرت جو
اچي تو وٽ بہ پهتو آ!!
اهو اسلام وڃجي ويو
جو آندو تو فريدڻ سان
۽ بابا گنج شڪر سان گڏ
۽ توکان اڳ بہ سيوهڻ وٽ
لڪياري لال ويئو هو
لڪي جي اونچي چوٽيءَ تي
ڏيئي وانگر جلايو جنهن
اهو اسلام- جنهن کي تو
خدا جي روشنيءَ وانگي
سڄيءَ سنڌ ۾ ورهايو هو
اهو اسلام اڄ تنهنجي
اڱڻ تي بم ڌماڪي ۾
بدن وانگي اڏايو ويو!
قلندر تو ڏٺو يا نہ؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درندن جو نئون لشڪر
نئين اسلام جو داعي
سنڌ نگريءَ ۾ پهتو آ
اچي سنڌڙيءَ ۾ پهتو آ!

خبر ٿئي هو گهري ڇا ٿو؟
نہ تنبورو وڄڻ گهرجي
نہ ڪا وائي ٻُرڻ گهرجي
نہ ڪجهہ آلاپجي سنڌ ۾
نہ 'مِي رقصم' هلڻ گهرجي
نہ تنهنجون ٿين ڌمالون- ۽
نہ سمبارا نچڻ گهرجي
نہ پِئي ڪو مَئہ محبت جي
نہ ڪو صوفي ٻچڻ گهرجي
نہ نغارو وڄي ڪو ڪٿ
نہ دعا لئہ هٿ کڄڻ گهرجي!!

مگر شهباز سنڌڙيءَ جا
اهو سڀ ڪيئن ممڪن آ؟
تہ سورج اولهان اڀري
۽ تارا رات ڦڙڪائي
تہ سنڌڙي ساز کي اڇلي
تہ پٽ جو باغ مُرجهائي!

تڏهن عثمان مروندي!
اسين تنهنجي نغارن تي
سدا سرمست نچنداسين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدن ٽٽي پل ۾ سئو ٽڪرا
مسلسل، مست نچنداسين!

اسان تي تنهنجو سايو آ،
پٽائيءَ جي دعا آهي
سچل سائينءَ جهلي آگر
بلاول بي بها آهي!
اسان کي پڪ آهي ها
نه ڪائي لهر لوڏو آ،
مگر اي لال سيوهڻ جا!
اٿائو واءُ اوڏو آ!

نئين اسلام جي ’ڪالي‘
گهري ٿي رت جي لالي
انهي لاليءَ
ڪيو تنهنجو به روضو لال سيوهاڻي
قلندر لال سيوهاڻي!
قلندر لال سيوهاڻي!

(17 فيبروري 2017ع تي قلندر لال شهباز جي مزار تي بم ڌماڪو ٿيو. جنهن ۾ موقعي تي 70 کان وڌيڪ ماڻهو موت جو کاڄ بڻجي ويا ۽ اڍائي سئو جي لڳ ڀڳ ماڻهو شديد زخمي ٿيا. جن مان ڪيترائي بعد ۾ گذاري ويا. ان حملي جي ذميواري داعش قبولي هئي. ڌماڪي مهل منهنجي امڙ ياجائي ۽ وڏو ياءُ اسماعيل مزار جي احاطي اندر موجود هئا ۽ هڪ ڪلاڪ تائين انهن جي زنده هجڻ نه هجڻ واري اذيتناڪ صورتحال مان گذرندا رهياسين. هيءُ نظم پلصراط جهڙين انهن گهڙين مان گذري لکيل آهي)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محبت!

مون وٽ هڪڙو خنجر آهي تنهنجي لاءِ
تو وٽ هڪڙو خنجر آهي منهنجي لاءِ
پاڻ ٻنهي کي محبت ڪيڏي هڪ ٻئي سان!

تنهنجي دنيا بنجر آهي تنهنجي لاءِ
منهنجي دنيا بنجر آهي منهنجي لاءِ
پاڻ ٻنهي کي محبت ڪيڏي هڪ ٻئي سان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پرديس ۾ رهندڙ دوست جي سالگره تي

تون تہ پري پرديس رهين ٿي
ديس ۾ تنهنجي سالگره جو
سج ايريو آ-
سالن کان پو
جيون جي اونداهي کنڊ تان
رات لٿي آ
ڏينهن ٿيو آ.
گهر جي در جي کنڊ تي پوکيل
چنبيليءَ جي وَل مَهڪي آ
پوپٽ اڏري آيا آهن
پٽ تي تنهنجي فوٽوءَ سامهون
دعا جا هٿ لڳن ٿا گويا!
تنهنجو فوٽو-
منهنجيءَ ماءُ جي لوليءَ جهڙو
منهنجي ڏيءُ جي ياکر جهڙو
تنهنجيءَ پهرين ڪاوڙ جهڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندلٺ جهڙو
سپني جهڙو
بلڪل رب جي جلوي جهڙو!
سَرڪنڊ جهڙو
هُرڻي جي هُبڪارن جهڙو
سج- مُکيءَ جي ڪيتن جهڙو
شاهه لطيف جي بيتن جهڙو-
تنهنجو فوٽو!
مِينهن وَساڙن جهڙو فوٽو!
جنهن ۾ تون ڪا هرڻي آهين
ڦلواڙيءَ تي بارش آهين
يا تہ ڪڇي ۾ ڏيڏ جي پرسان
گدرن جي واڙي پوکيندڙ
ڪولهياڻيءَ جي خواهش آهين!
ڪارونجهر تي وڄ جو چمڪو
موَر ٽهوڪو
ها پر
هڪڙو سهڻو دوکو-
تنهنجو فوٽو!
جنهن کي رات جو تارا پُوڄن
چنڊ ايري پرنام ڪري ٿو
۽ هر پيري هِيَ صبح جي
در جون سَنهڙيون سِيرون اُڪري
مُرڪي ان جا پير چُمي ٿي
ٻاهر گلَ تي ماڪ ٻُرئي ٿي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون تہ پري پرديس رهين ٿي
ديس ۾ تنهنجي سالگره جو
سج ايريو آ-
سالن کان پو
مَن جي رڻ ۾ گلُ ٽڙيو آ-

ڪيڪ تہ ناهي
دل جي ميٺ ٻتيءَ ڪي ٻاري
تنهنجي ياد جي ڪاتيءَ سان مون
ٽڪرا ٽڪرا
پاڻ وڍيو آ...

تون تہ پري پرديس رهين ٿي
ديس ۾ تنهنجي سالگره جو
سج ايريو آ-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اي احمد پور!

اي احمد پُور! تنهنجا ڪوئلو ٽيل ٻارڙا ڏسجن!
يا توڪان پريرو لاهور وارا تارڙا ڏسجن!
هِتي تنهنجي گلين جي وارڙن ۾ وارڙي آهي
هُتي بازار جي هٽ ٽِا تہ ميندي ۽ لالڙي آهي!
وڏي ٿي وارتا توسان، وڏو هاچو ۽ ظلمت آ!
مگر ڪنهن جي حڪومت آ؟ مگر هي ڪنهن جي حڪمت آ!

زمانن کان اهو ٽڪراءُ هلندو ئي رهيو آهي
ڪٿي اونداهہ جو قبضو، ڪٿي جهرمر جشن آهن
ڪي گم عيدن جي رونق ۾ تہ ڪي ماتم مگن آهن
مگر هي ٽِا تہ تنهنجا چوڏري سارا چمن آهن
فقط مزدور آهن، جي بکن هيٺان دفن آهن
۽ تن جي لاءِ جهندن جئن جُهلايا ويا ڪفن آهن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجيم معصوم احمدپورا پل ڏاڍا ڳتن آهن
مگر جي سچ پڇين ڪجهہ سچ تن کان پي ڳتن آهن
اها ئي بک جنهن تنهنجي ٻچن کي باهہ ۾ ڌوڪيو
ڪڏهن سوچيو اٿئي، سا بک ڪٿان ڪنٽرول ٿيندي آ؟
ڪڏهن پنڊي، ڪڏهن لاهور کان ڪنٽرول ٿيندي آ!
اها لاهور جا پنج آبَ جي وارث سڏائي ٿي
انهيءَ کي هيرَ آهي خون سان هٿڙا رڱائڻ جي!!

(25 جون 2017ع تي بهاولپور جي علائقي احمدپور شرقيہ ۾ تيل جي ٽينڪر اونڌي ٿيڻ سبب آس پاس جي ڳوٺن جي غريب ماڻهن هارجندڙ تيل ميڙڻ ۽ پنهنجي ٿانوَن ۾ ڀرڻ شروع ڪيو تہ اوچتو ئي اوچتو ٽينڪر کي باهہ لڳي وئي، نتيجي ۾ 152 معصوم ٻار، عورتون توڙي مرد ٿڏي تي ئي سڙي ڪوئلو ٿي ويا. سوين شديد زخمي ٿيا ۽ ڪيترائي بعد ۾ گذاري ويا. هي نظم ان سانحي جو ردعمل آهي.)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڄام شوري هلون
## زندگيءَ سان ملون!

يادگيرين جي گمر ٿيل نديءَ سان ملون
هاسٽل تي هلون، دوستيءَ سان ملون
هڪڙي وڻ تي لکيل هڪ خوشيءَ سان ملون
ڄامر شوري هلون،
زندگيءَ سان ملون!

چانڊنيءَ رات ۾ رُلجي رستن مٿان
هوٽلن تي هلي ٽٽجي سستن مٿان
گيت 'صادق' جو قاضيءَ تي ٻڌجي وري
پنهنجي مٽيءَ جي خوشبوءِ پنيءَ سان ملون
ڄامر شوري هلون،
زندگيءَ سان ملون!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيسا خالي سهي، پر جيئون شان سان
لُطف وٺجي ڪِريبيءَ سندو ناںَ سان
ٽوٽي سگريٽ جي لئہ پريشان ٿيون
شرٽ پائي لُنڊي جي، مِٺيءَ سان ملون
چام شوري هلون،
زندگيءَ سان ملون!

بيوفا هڪ پراڻي ڪي ساريون جتي
هڪ ڏيل لڙڪ سُڏڪي سان هاريون جتي
مَنَ- مچيءَ جا چلر ٽورا چِلجن ڪٽي
دل ڪان وسريل چِتي دل لڳيءَ سان ملون
چام شوري هلون،
زندگيءَ سان ملون!

هوءَ جا بادام وانگر قداور هئي
حُسن جو حُسن تي چا تہ بانور هئي
تنهن پٺيان جنهن جواني وڃائي ڇڏي
حسرتن جي هوا چلوليءَ سان ملون
چام شوري هلون،
زندگيءَ سان ملون!

ٽورا رابيل چوري ڪجن باغ جا
حل هلي ڳولجن دل جي نئين داغ جا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ گهڙيون 'سنڌالاجيءَ' ۾ ويھون هلي
۽ تصــور جي ٽڳ جــي رليءَ ســان ملون
چام شوري هلون
زندگيءَ سان ملون!

ڪنهن سکيءَ کي پيَا ساڻ کلندي ڏسون
پاڻ سان پاڻ کي تورو ملندي ڏسون
سنڌ ورسٽيءَ جي ڌرتيءَ تي سِر ٽيڪجي
موت کي مات ڏيندڙ گهڙيءَ سان ملون
چام شوري هلون،
زندگيءَ سان ملون!

هوءَ بہ ساڳي تہ نــاهــي، نہ ســي سلسلا
پــو بہ ڪــارڻ رُسامي جــو ڪهڙو پــلا
چــا وچايــو اســان، چــا ڪمايــو اســان
سڀ ڇڏي، هڪ رُٺل چوڪريءَ سان ملون
چام شوري هلــون،
زندگيءَ ســان ملون!

# پنهنجيءَ ڀيڻ جي نالي

ڀيڻ منهنجي، اسان سڀن کان وڏي
جا گذاري وئي هئي ننڍپڻ ۾
هن ڏنو هو مون کي
نه مون هُن کي
رنگَ، ساروپ، نقش، ڇا هُن جا
ياد مشڪل هجن امان کي ئي-
پوءِ به اڪثر پئي ياد آئي آ
بي تحاشا ۽ بي حساب مون کي!

ياءُ جيڪو ننڍو سڀن کان آ
سو به هن کان گهٽو وڏو آهي
ها مگر هوءَ وڏي جا سڀني کان
سا سڀن کان ننڍي ٿي رهجي وئي
ياد هن جي اسان جي ساهَن ۾
مستقل ڪا ڪنڊي ٿي رهجي وئي!

❁

(آوار ٻوليءَ جي حسين شاعر رسول حمزه توف جو نظم ”ڀائي“ پڙهيم. (جنهن کي فيض احمد فيض ”سرِ واديءِ سينا“ ۾ ترجمو ڪري ڏنو آهي) ته مون پنهنجيءَ دل ۾ ان ڀيڻ جو غم نئين سر ساهه کڻندي محسوس ڪيو جيڪا اسان سڀني ڀائرن ۽ ڀينرن ۾ سڀ کان وڏي هئي ۽ رانديڪن جي عمر ۾ سڙي پوڻ سبب زندگي هارائي ويٺي هئي. هوءَ اسان جي گهر جو اهڙو ڀاتي آهي، جيڪا هميشه موجود هوندي به ڪڏهن نظر نه آئي آهي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ ڏينهن ائين ٿيو...

هڪ ڏينهن ائين ٿيو ته
هو وڏو ماڻهو ٿي ويو-
۽ ايڏو وڏو ماڻهو ٿي ويو
جو سڀ ماڻهو هن اڳيان ننڍا ٿيندا ويا!
هن کان وسري وئي
اخبار جي نوڪري
ڀڪوڙن سان ماني
پرائمري سرڪاري اسڪول جو استاد
ننڍپڻ جا دوست
۽ اها شاخ
جتي هو مَينهن سان گڏ وهنجندو هو!
شروع شروع ۾ هن پنهنجي آفيس ۾
ماءُ جي هڪ اڀوجهه ۽ معصوم تصوير فريم ڪرائي رکرائي
پر اوچتو ئي اوچتو اها تصوير غائب ٿي وئي
۽ ان جي جاءِ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قائداعظم ۽ زرداري صاحب جون ٽِري پيس واريون تصويرون
لڳي ويون!
جو تہ پهرين تصوير ۾
سندس ڳوٺاڻي امڙ جا
پراڻا ۽ ڳريل ڪپڙا نظر پئي آيا!
هن اهو غم وسارڻ تي چاهيو تہ
هن جو پيءُ ٻڪريون چاريندو هو
۽ هن جي ماءُ پاڙي وارن جون رِليون سبندي هئي!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جنگ کان پهرين

”جنگ کان پهرين هتي ڇا هيو؟“
جنگ کان پهرين
هتي هڪ سرسبز ماٿري هئي
چمن جا باغ هيا
املتاسن جون قطارون هيون
مٿانهين تان ڪِرندڙ آبشار هيو
هڪ دلڪش بيضوي ڍنڍ هئي
۽ ڍنڍ کان پرڀرو هڪ ڳوٺ هيو.

ڳوٺ ۾ ٻارڙن لاءِ راند جا ميدان
۽ پبلڪ پارڪ هيا
مختصر بازارون هيون
۽ ڀاڄيءَ جي مارڪيٽ هئي-
”جنگ کان پهرين هتي ٻيو ڇا هيو؟“
جنگ کان پهرين هتي مسجدون مندر ۽ ڪليسا
هڪ ئي گهٽيءَ ۾ هيا
خدا، ڀڳوان ۽ گاڊ پاڻ ۾ دوست هيا
رنگ هئا، روشنيون هيون
گل هئا ۽ پکي هئا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قلواڙيون هيون ۽ پوپٽ هئا-
”جنگ کان پهرين هتي ڇيو ڪجهه به هُيو؟“
جنگ کان پهرين
هتي هڪ واٽئي جو گتو هيو
هڪ نيروليءَ جو هَٽ هيو
هڪ سنگتراش جي گئلري هئي
هڪ شاعر جي جُهڳي هئي
هڪ سِتار وڄائيندڙ جي بيٺڪ هئي
هڪ الهڙ حسينا جو چرچو هيو
۽ نوجوان عاشقن جي هڪ ٽولي هئي.
ڇيو تو ڪي ڇا ٻڌايان ته
جنگ کان پهرين هتي جنگ ڪو نه هئي
۽ وڌي ڳالهه ته
پري پري تائين ڪو قبرستان ڪو نه هيو!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رڳو تون ئي اتي ناهين

مَس قلم ۾ آهي
۽ حرف ڪتاب ۾
گلدان ٽيبل تي آهي
۽ خوشبو گل ۾
فوٽو البم ۾ آهي
۽ خواب نيڻن ۾
بادل اڀ ۾ آهي
۽ پاڻي نديءَ ۾-

هر ڪا شيءِ
پنهنجي پنهنجي جاءِ تي آهي
رڳو تون ئي اتي ناهين
جتي تو کي هجڻ گهرجي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مور نگر تي مينهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□ شاعري/ڪوتا جي جيتري سمجهه آهي يا سمجهه ۾ اچي ٿي، خاص ڪري جديد شاعريءَ جي حوالي ۾- شاعر ۾ هڪ شعوري طاقت- اِنرجي هوندي آهي (Intellectual Visoner) ۽ اهائي ان شاعر/ ڪويءَ جي خصوصيت هوندي آهي. اسحاق جي شاعريءَ ۾ اها سگهه/اِسترينٿ يا اينرجي چئون، سندس لفظ لفظ ۾ ملي ٿي. غزل هُجي، وائي يا نظم- اِسحاق جي حساسيت/ سنويدنا ڪي شاعريءَ جي هر صِنف ۾ وستار/ وسعت مِلي آهي. هِڪ هِڪ سِٽ ۾ اسحاق جي حساسيت/ سنويدنا اُتي ترسي بيهي، سوچڻ تي آماده ٿي ڪري.

اِسحاق جي ڪوتا/شاعريءَ ۾ جيڪو انٽليڪچوئل اينرجي جو ڏڪ سگهه/شمتا آهي، اُها ويچار جي سطح کان شروع ٿئي ٿي ۽ ڪوتا جي سطح کي ڇهندي، عام ماڻهوءَ جي سطح تائين پهچي ٿي. ڪهڙي نہ خوبصورت انداز بيان سان پنهنجي ڳالهہ چئي ٿو وڃي، پاٺڪ/سامع پڙندي ئي بيهي ٿو رهي.

اهڙي قسم جي حساسيت/سنويدنا اُن ڪويءَ جي ڪوتا/ شاعريءَ ۾ ئي اچي سگهي ٿي، جنهن خود سنگهرش ڏٺو ڀوڳيو آهي.

اهڙا شاعر/اديب ڪي ٿورا هوندا آهن، جن جي شاعري لکڻيءَ ڪي پنهنجي نِيوڪلائي/واندڪائيءَ سان ساٿي بڻايو آهي ۽ انهن کي ماڻيو آهي. اسحاق جي شاعريءَ/ڪوتا سان جڏهن کان ملاقات ٿي آهي، اُن سان بہ اهڙي صحبت ٿي ويئي آهي. سرلتا، سهجتا، نيازمندي ۽ بيباڪي جيئن سندس سڀاءُ/فطرت ۾ آهي، سندس ڪوتا/ شاعريءَ ۾ بہ ساڳئي ئي لهجي/انداز سان نظر اچي ٿي.

متان پڙهي نہ ڪو وٺي، ”ظلم سهڻ بہ پاپ آ“
اسان جي مسجدن مان سڀ، قرآن گم ڪيا ويا!

هِڪ سچي شاعر جو پنهنجو مذهب هوندو آهي ۽ اِسحاق پنهنجو شعر اِن بيباڪيءَ ۽ خوبصورتيءَ سان چئي سگهيو آهي، ظاهر آهي شاعر پنهنجي مذهب پنهنجي شاعريءَ سان بخوبي نڀائي رهيو آهي.

**موهن همتاڻي**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ

وتوسين سنڌ جڏهن تنهنجو نام، تنهنجو قسم!
ٿياسين خاص، اڳي هئاسين عام، تنهنجو قسم!
غلام قوم مان آهيون ته ڇا ٿيو اسحاق!
اسان جون محبتون ناهن غلام، تنهنجو قسم!

## سچل سائين!

آءٌ ته آهيان بيٺل پاڻي، تون ڪنهن مست نديءَ جو پاڻي،
تنهنجي ۽ منهنجي آڪاڻي، ساڳي هوندي، ساڳي ناهي!
سچل! تنهنجو نانءُ ٻڌڻ سان، ور ور رت اُبڙڪا کائي،
توڙي مان ڪو باغي ناهيان، سنڌ ۾ ڪابه سجاڳي ناهي!

(14 رمضان 2014ع)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اها پرينءَ جي لوءِ

خواب بہ هڪڙو رستو، جيڪو ويندو آ اوڏانهن،
جاتي ڪنگڻ ڳائيندا هِن، پرندي آهي ٻانهن!
اها پرينءَ جي لوءِ جتان جي رُج بہ رشڪ پري،
ٿهڪن ڪان ٿانگر هارائي، ڪڏهن نہ ڪئي ڪا دانهن!

## راند!

مون برازيل کان سکيو آهي،
هار جذبات جي شڪاري آ.
زندگي خود بہ راند آهي، پر
راند خود زندگيءَ تي ڀاري آ.

(فوٽ بال ورلڊ ڪپ 2014 جي سيمي فائينل ۾ جرمنيءَ هٿان برازيل جي دردناڪ شڪست تي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جيئڻ ڏي پرپور

هڪڙو پيرو تہ مونکي پيار ڪرڻ ڏي پرپور،
هڪڙو پيرو تہ مرڻ تائين جيئڻ ڏي پرپور،
هڪڙو پيرو تہ پرڻ ڏينم اکين ۾ خود کي،
هڪڙو پيرو تہ ٻڏڻ تائين ترڻ ڏي پرپور.

## ڪڏهن تہ ڌڙڪن اندلت ٿيندي

ڪڏهن تہ منهنجو نالو چپ تي ايندءِ آخرڪار،
دل ۾ ڪيئن دٻائي سگهندينءَ دانهن تہ ناهي پيار!
ڪڏهن تہ ڪائي موسم تو ۾ ڪنوٽيون ٿي ڪجندي،
ڪڏهن تہ ڌڙڪن اندلث ٿيندي، تن من ڪارونيار!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٽيڙوءَ ۾ ٽانڊاٽا ناهن

ڏينهن سڄو ڪانوَن جي ’ڪان ڪان‘، رات سڄي چمڙن جي ’چِين چِين‘
تڏهن ته ’گيت‘ نه ڪويل ’ڪوڪو‘، ’ٽيڙوءَ‘ ۾ ٽانڊاٽا ناهن!
سِسڪيون روز سڏن ٽيون ڪنهن جون، لڙڪن منجهه لڙهان ٿو ڪنهن جي،
تڏهن ته لفظ به قاتل چوليون، شعر به ڪي شاهاٽا ناهن!

## پوڏسنداسين

جڏهن وٽن تي ڦوٽهڙي جي موسم ٿيندي، پو ڏسنداسين!
جڏهن جدائي هڪ نُقطي مان عالم ٿيندي، پو ڏسنداسين!
حال في الحال ته رقص ڪرڻ ڏي، ڇم ڇم ڇيرين سان ڇمڪڻ ڏي،
جڏهن به هيءَ خدائي پل لئه پرنم ٿيندي، پو ڏسنداسين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ماءُ

تڪجي، ٿڪي، هارائجي، گهر ڏي جڏهن وريس،
آسيس ساڻ ماءُ اچي، پيار سان چيو:
”جيون ڪي چو تو جنگ ڪرين، پيار سان گذار!“
دل تي پيل پهاڙ لهي ويو، پتو نہ پيو.

## بوند بي ڪمال ڏس!

هڪ ڏک تہ مَن پليت ڪي، بارش نٿي ڏئي!
وڻ ٽڻ تہ خوب ٿي ڏئي، خواهش نٿي ڏئي!
رستا بہ ڏوپجي وڃن، خود خون ڏوپجي،
پر بُوند بي ڪمال ڏِس! سازش نٿي ڏئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اسان جي پيار جا قصا

اسان جي پيار جا قصا، پڇڻ چاهين هوا کان پڇ،
ٽتي ويل ٽار جا قصا، وڻن جي وارتا کان پڇ!
تري جيئن تار پهتاسين، ته ساحل پڻ لڳو سُڏڪو،
انهيءَ اسرار جا قصا، ندي هڪ بيوفا کان پڇ!

## جڏهن انب ٻوڪبا آهن

جڏهن انب ٻوڪبا آهن، ۽ ڪويل ڪوڪندي آهي،
محبت پيڙ وانگر جاڳندي آهي جدائيءَ ۾.
پريتم ڪي پتو ناهي ته پويان ڇا ڇڏي ويو آ،
چپن تي سُڃ آهي، رُڃ تي ڏوڙي خدائيءَ ۾!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وطن تنهنجي مٽي اوڍي ستاسين،
اهو ئي ڪوڙ آ اعزاز هڪڙو.

هر طرف گل مُيا بهار ڪان اڳ!
ڪيترا خوش هياسين، پيار ڪان اڳ!

فائرنگ ۾ ٻه ڦاٽل سر حد جي
خاردارن جي هيٺ گل تي ڪَليا!



هو آيو آيا در کڙڪيو ائين ئي
وهم آهي هوا آهي يا ڇا آهي!

جيءُ ڪنهن جاءِ تي جَڇي ته جيئان
مون ڪي تو بن جيئڻ اچي- ته جيئان

انڌيرا شهر جا ميڙي سگهي ٿي
اندر ڪي ڇا ڪندي اِسٽريٽ لائٽ!

ISBN 978-969-217-007-9
Poetry
Rs. 330.00
US$ 2.00
9 789692 170079
www.roshnipublication.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book